


الفاظِ اولیاء

اللہ تعالیٰ کے دوستوں کے الفاظ
کا اثرات، کمالات، روایات، کرامات
سائنسی حقائق و واقعات۔







الفاظِ اولياءَ

الله تعاليٰ جي دوستن جي الفاظ
جا اثرات، ڪمالات، روايتون، ڪرامتون
ساڃاڻون ۽ واقعات.



پيرِ طريقت رهبرِ شريعت
حضرت پير محمد ڪرم الله مڪاني دامت برڪاتهم العاليه
المعروف پير ڪلبر سائين
خانقاهه عاليه فضل آباد شريف، ماتلي، سنڌ.



بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

كتاب جو نالو : اَلۡفَاظِ اَوۡلِيَاءۡ

تاليف : پيرِ طريقت محمد ڪرم الله.
مدني "دلبر سائين" دربار فضل آباد ماتلي.

ڇاپو : پهريون.

تعداد : يارهن سو.

تاريخ : مئي 2023ع

ڇپائيندڙ : فقير محمد نواز مجذوب .

ناشر : جامعه مدينة العلم ملير ڪراچي.

هديو :

اهم اعلان:

دلبر سائين جا ڪتاب پڙهڻ، سندن بي مثال تقريرون ٻڌڻ لاءِ، دنيا جي هر گوشي ۾ حاضر آهي:

www.peerdilbar.com

آگاهي

جامعه مدينة العلم جا ڇاپيل جملي ڪتاب، بذريعه وي پي گهرائڻ لاءِ يا روبرو اچي حاصل ڪرڻ لاءِ رابطو ڪندا.

فقير احمد حسين ڪرمي : 0344-3782330



فهرست مضامين

بسم الله الرحمٰن الرحيم







پهريون باب



پيش ڪلمات



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰي سَيِّدِ الْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰي آلِهِ الطَّيِّبِيْنَ الطَّاهِرِيْنَ وَعَلٰي صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ وَمَنْ تَبِعَهُمْ بِاِحْسَانٍ اِلٰي يَوْمِ الدِّيْنِ. اَمَّا بَعْدُ:

الله جا دوست، الله جا چونڊيل پسند ڪيل مقبول ۽ محبوب ٻانها هوندا آهن. رب العالمين انهن مٿان خصوصي عطائون ۽ احسان، انعام ۽ اڪرام فرمائيندو آهي. انهن جا وجود رب العالمين جي قُوَّتُن ۽ قدرتن جو مظهر هوندا آهن. انهن جي نگاهن ۾ تاثير هوندي آهي. انهن جي گفتار عام ماڻهن جي ڳالهائڻ وانگر نه هوندي آهي. انهن جي مبارڪ زبانن مان نڪتل لفظَ ۽ جُملا الله رَبُّ العزة سچا ثابت ڪندو آهي. اهي اگر قسم ڪٿي ڪا ڳالهه ڪن ته الله انهن جي قسم کي غلط ڪونه ڪندو آهي. انهن جي زبان ۽ ڏهان مان نڪتل لفظ سچا بنجي رهندا آهن.

حضرت پير دستگير جو فرمان:

قطبِ رباني، شهبازِ لامڪاني، محبوبِ سبحاني حضرت سيدنا عبدالقادر الجيلاني الحسني والحسيني رحمت الله عليه پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب فتوح الغيب ۾ بعض آسماني ڪتابن جي حوالي سان لکيو آهي ته:



قَالَ اللهُ تَعَالىٰ فِي بَعْضِ كُتُبِهِ: يَا ابْنَ دَمَ! اَنَا اللهُ لَا إِلٰهَ اِلَّا اَنَا. أَقولُ لِشَيءٍ كُنْ فَيَكُوْنُ اَطِعْنِيْ اَجْعَلَكَ تَقولُ لِشَيءٍ كُنْ فَيَكُوْنُ. وَقَالَ يَا دُنْيَا مَنْ خَدَمَنِي فَاَخْدِمِيْهِ وَمَنْ خَدَمَكَ فَاَتْبِعِيْهِ.[1]

الله تعاليٰ پنهنجي بعض آسماني ڪتابن ۾ ارشاد فرمايو آهي ته: اي آدم جا پٽ! مان الله آهيان. مونکان سواء ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي. جڏهن مان ڪنهن شيءِ جي باري ۾ چوندو آهيان ٿي پئو، ته اها ٿي پوندي آهي. تون منهنجي اطاعت ڪر، مان الله توکي به ان قوت سان سرفراز ڪندس جو تون ڪنهن شيءِ جي لاءِ جڏهن "ڪُنْ" ٿي پئو! چوندين ته اها ائين ٿي پوندي. رب تعاليٰ (دنيا کي) فرمايو: اي دنيا! جيڪو منهنجي خدمت ۽ اطاعت ڪري تون ان جي خادمه ۽ مُطيع بڻجي وڃ، پر جيڪو (مون رب کي ڇڏي) تنهنجي خدمت ۾ مشغول ٿي وڃي ته تون ان کي پنهنجي پويان لائي ڇڏ. (بلڪي ته دنيا جي پويان خوار ۽ شرمسار ٿيندو رهي)

سو الله ڪريم پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي زبانن جي اها تاثير عطا ڪندو آهي جو اهي ڪنهن شيءِ يا شخصيت يا ڪم لاءِ جيئن چوندا آهن ته اهو ائين ٿي پوندو آهي. اهو هن ڪري به ٿيندو آهي جو:

الله انهن سان محبت رکندو آهي:

جو جو دوستي جو بنياد ئي محبت آهي ۽ محبت به طرفي هوندي آهي. الله پنهنجي دوستن سان محبت رکندو آهي ۽ اهي الله سان محبت رکندا آهن. پوءِ محبت ۾ الله انهن جون ڳالهيون رکندو آهي. ۽ اهي الله جون ڳالهيون رکندا آهن. الله پاڪ تو فرمائي:

---

[1] فتوح الغيب ص174

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۡ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ۭ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٤﴾

اي ايمان وارؤ! اوهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦري ٿو ته (ڀلي ڦري) جلد الله اهڙي قوم آڻيندو جن سان اهو (الله خود) محبت رکندو ۽ اُهي (به) ان سان محبت ڪندا. اهي مؤمنن مٿان نرم هوندا ڪافرن مٿان سخت هوندا. الله جي راهه ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نه ڊڄندا. اهو الله جو فضل آهي جنهن کي چاهي ٿو عطا ڪري ٿو ۽ الله ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي.

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿٥٥﴾

بلاشڪ اوهان جو دوست ته صرف الله ۽ ان جو رسول آهي ۽ اُهي ايمان وارا جيڪي نماز قائم رکن ٿا ۽ زڪواة ڏيندا رهن ٿا ۽ اُهي رڪوع ڪندڙ آهن.

وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾

۽ جيڪو ماڻهو الله ۽ ان جي رسول ۽ ايمان وارن کي دوست بنائيندو ته بلاشڪ الله جي جماعت وارا ئي غالب آهن.

بلاشڪ اهي الله وٽ پيارا هوندا آهن. اهي الله جي جماعت وارا هوندا آهن. اهي ئي سوڀارا هوندا آهن. ته پوءِ انهن جا الفاظ ڪيئن نه برڪتن ڀريا هوندا! ڪيئن نه انهن ۾ فيض هوندو. جو ته انهن سان مالڪ پاڻ محبت رکندو آهي. محبت بابت رومي فرمايو:



مثنوي رومي رحمت الله عليہ:

از محبت تلخہا شیریں شود * از محبت مسہا زریں شود
از محبت دردہا صافی شود * از محبت دردہا شافی شود
از محبت خارہا گل می شود * از محبت سرکہ ہا مل می شود
از محبت دار تختی می شود * از محبت بار بختی می شود
از محبت سجن گلشن می شود * بے محبت روضہ گلخن می شود
از محبت حزن شادی می شود * از محبت غول ہادی می شود
از محبت نار نوری می شود * از محبت دیو حورے می شود
از محبت سنگ روغن می شود * از محبت موم آہن می شود
از محبت نیش نوشی می شود * از محبت شیر موشے می شود
از محبت سُقم صحت می شود * از محبت قہر رحمت می شود
از محبت مردہ زندہ می شود * از محبت شاہ بندہ می شود
آب کم جو تشنگی آور بدست * تا بجوشد آب از بالا و پست
تا سقاہم ربہم آید خطاب * تشنہ باش اللہ اعلم بالصواب
آب رحمت بایدت روپست شو * وانگہاں خور خُم رحمت مست شو
رحمت اندر رحمت آید اے پسر * بر یکے رحمت فرو ما اے پسر
چرخ را در زیر آور اے شجاع * بشنو از فوق فلک بانگ سماع
پنبہء وسواس بیروں کن زگوش * تا بگوشت آید آں بانگِ خروش
دفع کن از مغز از بنی زکام * تا کہ ریح امید آید در مشام
سالکاں دانند در میدان درد * تاں فنائے عشق با مرداں چہ کرد

تانه باشی مدتے زیر و زبر* کے توانی ز آسایش خبر

سالها بروند مرداں انتظار * تایکے را بار شد از صد ہزار۔

الفاظ اثر ڪندا آهن:

اها مڃيل ڳالهه آهي ته عام ماڻهن جي لفظن ۽ لهجن جا به جدا جدا اثراتَ هوندا آهن. سُٺن لفظن جا سٺا اثراتَ مُرتب ٿيندا آهن. بُرن لفظن جا بُرا اثرات پيدا ٿيندا آهن. مثلًا ڪنهن کي دعا ڏيو ته ان جو چهرو مُرڪي پوندو. دل ۽ روح ٺري پوندا. پر خدانخواسته ڪو ڪنهن کي گار ڏئي ته ان جو چهرو ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويندو آهي. دل ۽ روح رنجيده ٿي پوندا آهن. اها ته عام انسانن جي زبانن ۽ لفظن جي تاثير آهي پر جڏهن ڪنهن الله جي مقبول ۽ محبوب ٻانهي جي زبان مان لفظ نڪرندا آهن ته انهن جا گـهَرا ۽ دُور رَسُ اثرات نڪرندا آهن. اها ڳالهه احاديثِ نبويه ۽ **روايات** مان به ثابت آهي. **ڪڏهن** انهن جا لفظَ **ڪرامات** ثابت ٿيندا آهن. **ڪڏهن** انهن جا الفاظ **سانحات** کي جنم ڏيندا آهن. انهن جي **واقعات** ۾ درسِ عبرت هوندو آهي. سو هي ڪتاب الله جي انهن عارفن جي زبانن مان نڪتل لفظن جي تاثير بابت آهي. اسان ان جا پنج باب مقرر ڪيا آهن.

1. پيش ڪلمات.
2. روايات.
3. ڪرامات.
4. سانحات.
5. واقعات.

اوهان ڏسو سَرديُن جي موسم ۾ جڏهن ماڻهو ڳالهائيندو آهي ته ان جي وات مان ٻاڦ پئي نڪرندي آهي.



گلن سان گسندي هوا جو جيڪو جُهونو گذرندو آهي، ان ۾ سُڳنڌ ۽ سُرهاڻ اچي ويندي آهي. ان طرح الله جا دوستَ جن جي اندر ۾ هر وقت الله جو ذڪر جاري هوندو آهي. انهن جو تن مَنُ رب جي ياد ۾ سَرشار هوندو آهي؛ انهن جي واتن مان به جڏهن الفاظ نڪرندا آهن ته اهي رحمت ۽ برڪت روحانيت ۽ نورانيت سان ڀرپور هوندا آهن. اڳتي وجي اهي غير معمولي اثرات ڏيکاريندا آهن. ان ڪري چيو ويو آهي: کلامِ کاملاں جان می دارد۔

ڪاملن جي ڪلام ۾ جان هوندي آهي.

انهن جو گفتو ٻين ماڻهن جي ڪلام وانگر نه هوندو آهي. ڪاملن جو ڪلام پوءِ اهو نظم هجي يا نثر. سُر ۾ هجي يا بي سُرو. دعا هجي يا بد دعا؛ اُنهن ۾ اثرات هوندا آهن.

الفاظ ڀلي سادا هجن پر اثرائتا هوندا آهن:

الله جي دوستن جا الفاظ ڀلي ڪٿي سادا ڇو نه هجن پر اهي اثرائتا هوندا آهن. ڇو ته انهن ۾ فيض هوندو آهي. انهن ۾ هيبت ۽ حشمت هوندي آهي.

هڪ بزرگ وٽ:

زيارت ۽ ملاقات لاءِ ٻه عالم سڳورا آيا. بزرگ بيان ڪيو ۽ پوءِ نماز پڙهايائين. هڪ عالم چيو بزرگ ته آهي، تقرير ٻُڌي ڪيائين پر منجهس فصاحت ۽ بلاغت نه آهي. ٻئي عالم چيو بزرگ ڀلو آهي پر قاري ناهي. ڪيس قرائت نه ٿي اچي. جڏهن اهي درگاه کان ٻاهر نڪتا. هڪ نهر تي آيا، ان مان وضو ڪرڻ لاءِ ڀهتا ته اوچتو سامهون هڪ شينهن ظاهر ٿيو. شينهن رازِ ڪئي. هنن کي پنهنجي ساهه جو خوف ٿي پيو.

پريشاني جي عالم ۾ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳا. اچانڪ ڏانئون ته اهو بزرگ اچي رهيو آهي، جنهن وٽ مهمان ٿي ويا هئا. بزرگ هڪل ڪري چيو او شينهن! منهنجي مهمانن کي پريشان نه ڪر؟ بزرگ جي هڪل تي شينهن گردن جهڪائي پٺي ڏئي هليو ويو. بزرگ انهن عالمن مان هڪ ڏانهن ڏسي فرمايو ابا! تون ته فصيح ۽ بليغ هئين! فصاحت ۽ بلاغت استعمال ڪرين ها ته شينهن ڀڄي وڃي ها؟ ٻئي کي فرمايائون پڻ تون ته قاري هئين؟ قرائت سان شينهن کي هڪل ڪرين ها ته ڀڄي وڃي ها. توهان جي فصاحت ۽ بلاغت، وجاهت ۽ قرائت ڪاڏي وئي؟ ٻئي پشيمان ٿيا چيائون اسان اوهان تي اعتراض ڪيو هيو، اسان کي معاف ڪجو.

ولي الله جا لفظ:

هڪ بزرگ پنهنجي محفل ۾ ڪنهن ڪيفيت ۾ ويٺو هيو. ڪو ماڻهو وٽس آيو. چوڻ لڳو اوهان بزرگ آهيو. الله وارا آهيو. مون کي ڪا ڪرامت ڏيکاريو. سامهون هڪ پٿر پيو هيو. بزرگ پنهنجي آڱر ان ۾ هنئي ته ائين گهڙي وئي جيئن مکڻ ۾ آڱر هلي وڃي. ان ماڻهو چيو اها کهڙي ڳالهه آهي. اوهان هڪڙي آڱر هنئي آهي آءٌ پنجئي آڱريون هڻي سگهان ٿو. پاڻ فرمايائون هڻ. ان شخص چيو ته ڇا پٿر ۾ پنجئي آڱريون هڻان؟ بزرگ فرمايو هڻ. وري ٻيون ڀيرو چيائين ته ڇا پٿر ۾ پنجئي آڱريون هڻان؟ پاڻ فرمايائون هڻ. هنيائين ته پنجئي آڱريون پٿر ۾ ائين هليون ويون جيئن مکڻ ۾ پئجي وڃن. ويٺلن مان ڪنهن ماڻهو چيو نه اها ان شخص جي ڪرامت آهي. ته ان ماڻهو چيو اها منهنجي ڪرامت نه آهي پر بزرگ پاڻ پنهنجي زبان سان ٽي ڀيرا چيو ته هڻ مون هنئي. هي سندن لفظن جو اثر هيو ورنه ته مون ۾ نه ڪرامت آهي نه ولايت اها فقط هن بزرگ جي لفظن جي تاثير هئي.

اجازت جو اثر:

اگر ڪو ڪامل ولي الله ڪنهن عام ماڻهو کي ڪنهن ورد يا وظيفي جي اجازت عنايت ڪري ته ان اجازت واري لفظن جي تاثير سبب ان عام ماڻهو جي لفظن ۾ به فيض ۽ ڪمال اچي ويندو آهي. حضرت پير فضل علي شاه قريشي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ سفر ۾ هئا. حضرت پير مٺا سائين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ سندن خليفهءِ مجاز به سندن معيّت ۾ هئا. جڏهن پاڻ هڪ وڏي شهر ۾ پهتا ته هڪ سپاهي ڪاري رنگ جو جسم ۾ ڀريل قداور، سونهارِي صاف، مُڇون مواڙ. بازار جي چؤنڪ ۾ بيٺو هيو. اعلان پئي ڪيائين ته جنهن کي مٿي ۾ سور هجي، پيٽ ۾ سور هجي، ڏند يا ڏاڙ ۾ تڪليف هجي، چيلهہ ۾ سور هجي. اچو اچو هڪ گهڙي ۾ سور ختم ٿي ويندو. هڪ ماڻهو آيو. جنهن چيو ته منهنجي چيلهہ ۾ سور آهي. سپاهي جي هٿ ۾ جيڪا ڏنڊِي هئي اها ان سُور واري جي چيلهہ تي گهمايائين ۽ چوڻ لڳو:

شاهِ مَردان، شيرِ يَزداں قوتِ پروردگار،

لَا فَتيٰ اِلَّا عَلِيّ لَا سَيۡفَ اِلَّا ذُو الۡفِقَارِ.

ان ئي گهڙي ۾ ان ماڻهو جو سور ختم ٿي ويو. وري ڪو ٻيو ماڻهو آيو جنهن کي پيٽ ۾ سور هيو. اهو شعر پڙهندي لٺ ان جي پيٽ تي گهمايائين ته ان جو پيٽ جو سور بلڪل ختم ٿي ويو. ڪو مٿي جي سور وارو آيو ته ان جي مٿي تي اهو شعر پڙهندي ڏنڊِي گهمايائين ته ان جو مٿي جو سور ختم ٿي ويو. حضرت پير مٺا سائين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ فرمايو ته مون پنهنجي پير مرشد قريشي ڪريم رحمت الله عليه کي عرض ڪيو ته اهو شعر ته مدرسي جا طالب ۽ ٻارَ به پڙهندا آهن پر ٻين جي لفظن ۾ اها تاثير نه هوندي آهي، جيڪا هن جي لفظن ۾ آهي؟

ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هن ڪي ڪنهن الله جي ڪامل وليءَ جي اجازت مليل آهي ان اجازت جي اها تاثير آهي.

ولين جي لفظن مان ڪرامتن جو ظهور ٿيندو آهي.

ولين جون ڪرامتون برحق آهن:

الله جي دوستن جي ڪرامتن جو انڪار سواءِ معاند ۽ حاسد، فاسق ۽ جَاحِدَ جي ٻيو ڪير ڪو نه ڪندو آهي. حضرت امام قُرطبي رحمة الله عليه فرمايو آهي:

كَرَامَاتُ الْأَوْلِيَاءِ ثَابِتَةٌ، عَلَي مَا دَلَّتْ عَلَيْهِ الْأَخْبَارُ الثَّابِتَةُ، وَالْآيَاتُ الْمُتَوَاتِرَةُ وَلَا ينكرها إلا المبتدع الْجَاحِدُ، أَوِ الْفَاسِقُ الْحَائِدُ. [1]

ولين جون ڪرامتون ثابت شده آهن. ان تي ثابت ٿيل حديثون ۽ متواتر آيتون شاهد آهن ۽ انهن جو انڪار بدعتي منڪر يا فاسق ٽڙيل کان سواءِ ٻيو ڪير ڪو نه ڪندو.

امام نووي رحمة الله عليه جو ارشاد:

إثبات كرامات الأولياء وهو مذهب أهل السنة خلافا للمعتزلة وفيه أن كرامات الأولياء قد تقع باختيارهم وطلبهم وهذا هو الصحيح عند أصحابنا المتكلمين. [2]

ولين جي ڪرامتن ڪي مڃڻ اهلسنت جو مذهب آهي معتزلا ان جي خلاف آهن ۽ ان ۾ هي به ته اسان جي علم ڪلام جي علماءَ وٽ صحيح ڳالهه اها آهي ته ولين جون ڪرامتون انهن جي اختيار ۽ ان جي گهر تي واقع ٿينديون آهن.

---

[1] تفسير القرطبي (11 / 28)

[2] شرح النووي على مسلم (16 / 108)

معترضين جا مُنهن ڪير بند ڪندو!

ڪجهہ ماڻهن کي الله جي دوستن سان خوامخواهہ جو وير هوندو آهي. اهي هروڀرو به انهن جي مخالفت مان سندرو ٻڌيون بيٺا هوندا آهن. انهن کي عيبن ڏسڻ جي اک ته هوندي آهي پر خوبيون ڏسڻ واري ديد نه هوندي آهي. اهڙا ماڻهو ٻين جا عيب ته ڏسن ٿا پر انهن کي پنهنجا عيب ۽ پنهنجي جهالت ڏسڻ جي توفيق نه ٿي ٿئي. ڪيڏو عجب آهي اک آسمان تائين چنڊ جي چهري ۾ داغ ڏسي وٺي ٿي پر، پنهنجي مٿان ڪان ڇنڀر اُن کي نظر نه ٿا اچن.

چشم بیند ہر کم وہر بیش را، لیک نتواند کہ بیند خویش را۔

ان طرح نڪ هر شيءِ جي خوشبوءِ ۽ بد بوءِ سِنگهي وٺي ٿو پر ان کي پنهنجي پيٽ جي بدبوءِ محسوس نه ٿي ٿئي. يا للعجب!

هي ننڍڙو ڪتابچو الله جي دوستن جي الفاظ جي تاثير بابت سندن قصن ۽ واقعن کي گڏ ڪري لکيو ويو آهي. جنهن ۾ امت جي ڪجهہ اڪابرين جا اقوال ۽ احوال به لکيا ويا آهن. اهي ماڻهو جيڪي شانِ اولياءِ کي مڃڻ وارا آهن انهن لاءِ هن ڪتاب ۾ دلين جي تسڪين آهي. پر جيڪي اولياء الله جي شان ۽ مانَ جا مُنڪر آهن انهن لاءِ تاديب ۽ تنبيه آهي. رب العالمين شال پنهنجي دوستن سان سچي محبت ۽ مُودت عِشق ۽ اُلفت عطا فرمائي.

آمِين يَارَبَّ الْعَالَمِيْنَ بِجَاهِ سَيِّدِ الْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ.

مُحمد ڪَرمُ الله مدني

آڱارو 13 رمضان المبارڪ 1444هہ 4 اپريل 2023ع

مسجد الحرام مَڪّۃُ المُڪَرّمَة.



ٻيون باب

روايات

فرمانِ نبوي:

الله جي دوستن جي زبانن ۽ انهن جي الفاظن جي الله وٽ ڇا اهميت آهي؟ ان باري ۾ صحيح مسلم ۾ اصحابي سڳوري حضرت حارثه بن وهب خُزاعي ﷛ کان روايت آهي، ڇيائين مون نبي ڪريم ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون:

أَلَا أُخْبِرُكُمْ بِأَهْلِ الْجَنَّةِ؟ كُلُّ ضَعِيفٍ مُتَضَعِّفٍ، لَوْ أَقْسَمَ عَلَى اللهِ لَأَبَرَّهُ.[1]

ڇا آءٌ اوهان کي ٻڌايان ته جنتي ڪير آهن؟ هر ڪمزور ۽ ضعيف شخص. (جنت جو حقدار آهي) اهو جيڪڏهن الله جو قسم کڻي ويهي ته الله ان کي ضرور پورو فرمائيندو آهي.

ٻين روايت:

حضرت ابوهريره ﷛ کان روايت آهي ڇيائين رسول الله ﷺ فرمايو:

رُبَّ أَشْعَثَ، مَدْفُوعٍ بِالْأَبْوَابِ لَوْ أَقْسَمَ عَلَى اللهِ لَأَبَرَّهُ.[2]

ڪيترائي وِڪريل وارن وارا (ماڻهن جي) دروازن تان ڌڪاريل ماڻهو اهڙا به آهن جو جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ الله جو قسم کڻي ويهن ته الله ان کي ضرور پورو فرمائيندو آهي.

يعني اهي اگر قسم کڻن ته الله انهن جي قسم کي پورو ڪندو آهي.

---

[1] صحيح البخاري (6 / 159) صحيح مسلم (4 / 2190) سنن الترمذي (4 / 717) مسند أحمد (31 / 29) المعجم الكبير للطبراني (3 / 235) شرح السنة للبغوي (13 / 169) أسد الغابة (1 / 430)

[2] صحيح مسلم (4 / 2024) شعب الإيمان (13 / 89) شرح السنة للبغوي (14 / 269) كنز العمال (3 / 152) مشكاة المصابيح (3 / 1442)

دعائون ۽ بد دعائون:

الله جي دوستن جون دعائون به قبول هونديون آهن ته انهن جون بددعائون به اثر رکنديون آهن. انهن جي زبانن جي الله وٽ وڏي اهميت ۽ حيثيت هوندي آهي. حضرت سعيد بن زيد بن عمرو بن نفيل رضي الله عنه انهن ڏهن اصحابن سڳورن مان آهي، جن کي نبي ڪريم ﷺ جيئري جنت جي بشارت ڏني هئي. اروىٰ نالي هڪ عورت ان سڳوري سان گهر (جي زمين) جي ڪجهه حصي جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو. ته سعيد بن زيد چيو ان کي جڏي ڏيو. جو ته بيشڪ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو هيو پاڻ فرمايائون: جنهن ماڻهو زمين مان هڪ گرانٺ به ناحق قَبائِي ته قيامت جي ڏينهن ست زمينون ڳٽ بنائي ان جي ڳچي ۾ وڌيون وينديون. (پوءِ پاڻ بددعا ڏيندي چيائون)

اَللّٰهُمَّ إِنْ كَانَتْ كَاذِبَةً فَأَعْمِ بَصَرَهَا وَاجْعَلْ قَبْرَهَا فِي دَارِهَا.

اي الله جيڪڏهن اها ڪوڙي آهي ته ان کي انڌو بناءِ ۽ ان جي گهر ۾ ئي ان جي قبر بناءِ. راوي چيو: (سندس لفظن جو اهو اثر ٿيو جو)

فَرَأَيْتُهَا عَمْيَاءَ تَلْتَمِسُ الْجُدُرَ تَقُولُ أَصَابَتْنِي دَعْوَةُ سَعِيدِ بْنِ زَيْدٍ، فَبَيْنَمَا هِيَ تَمْشِي فِي الدَّارِ مَرَّتْ عَلَىٰ بِئْرٍ فِي الدَّارِ فَوَقَعَتْ فِيهَا فَكَانَتْ قَبْرَهَا.[1]

مون ڏٺو ته اها انڌي ٿي پئي. ڀتين جو سهارو وٺي هلندي هئي. چوندي هئي ته مون کي سعيد بن زيد جي بد دعا لڳي آهي. پوءِ هڪ دفعو اها گهر ۾ هلي رهي هئي. سندس گهر ۾ هڪ کوهه هيو. جنهن کان گذرندي ان ۾ ڪِري پئي ته اهو کوهه ان جي قبر ثابت ٿيو.

---

[1] صحيح مسلم (3 / 1230) مسند أبي يعلى الموصلي (2 / 249) كرامات الأولياء للالكائي - من شرح أصول اعتقاد أهل السنة والجماعة للالكائي (9 / 142) السنن الكبرى للبيهقي/ 163)

صديقِ اکبر ﷺ جي لفظن جي تاثير:

ڪتاب اَلْبِدَايَهُ وَالنِّهَايَهُ ۾ علامه اِبنِ ڪثير رحمت الله عليه روايت آندي آهي ته: نبي ڪريم ﷺ جنگِ (اُحد) لاءِ وڃي رهيا هئا ته انصارن مان هڪ ٻڍڙي عورت آئي ۽ عرض ڪيائين يارسول الله! منهنجو پٽ هٿ ۾ تلوار کڻي اوهان جي خلاف ورزش ڪري رهيو آهي. اهو چوي ٿو ته (نعوذ بالله) محمد (ﷺ) کي قتل ڪندس. آءٌ اوهان جِي خدمت گذار آهيان. يارسول الله! اوهان ان جي لاءِ هدايت جي دعا گهرو. پاڻ ان نوجوان لاءِ دعا گهريائون ته جيڪو پهريان (تلوار کڻي) اسلام جي خلاف ورزش ڪري رهيو هيو، ان جي دل کي الله تعاليٰ بدلائي ڇڏيو. اهو نوجوان اها ساڳي تلوار کڻي ڊوڙندو نبي ڪريم ﷺ جي بارگاه ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله! مون کي ڪلمو پڙهايو. ان جو نالو مالڪ بن سنان ﷺ هيو. پوءِ ان عرض ڪيو يارسول الله! ڇا مون کي به جهاد ۾ هلڻ جي اجازت آهي؟ پاڻ فرمايائون هائو. تون به هل. جڏهن اهو جهاد جي ميدان ۾ پهتو ته نئون نئون جوش ۽ جذبو هيس. وڃڻ سان ئي ڪافرن سان لڙندي شهيد ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن لشڪر جهاد تان واپس موٽيو. مديني پاڪ جا ماڻهو ۽ عورتون انهن جي استقبال ۾ ٻاهر نڪتا. ان نوجوان انصاري مالڪ بن سنان جي امڙ به ٻاهر نڪتي. ڀينرون پنهنجي ڀائرن سان مليون، زالون پنهنجي مڙسن سان مليون. مائرون پنهنجي اولاد سان مليون. اها ضعيف ٻڍڙي عورت به واٽ تي بيهي رهي. جڏهن ان جي نظر نبي ڪريم ﷺ تي پئي ته عرض ڪيائين يارسول الله! اصحابن جي لشڪر ۾ منهنجو پٽ نظر نه آيو. اهو ڪاڏي ويو؟ نبي ڪريم ﷺ ٻڍڙِي عورت جي چهري (تي مايوسي) کي ڏسي فرمايو:

امان صبر ڪر! پنيان ابوبڪر اچي رهيو آهي ان کان پڇجان. وري ٻيو اصحابي آيو ان به ائين ئي چيو ته پنيان ابوبڪر اچي پيو ان کان پڇجان. جيڪو به اصحابي گذري پيو سڀني جو جواب اهوئي هيو ته پنيان ابوبڪر اچي رهيو آهي ان کان پڇجان. جڏهن حضرت ابوبڪر ﷺ اتان گذريو ته اها ٻڍڙي عورت چوڻ لڳي اي ابوبڪر! منهنجو پٽ ڪاٿي آهي؟ حضرت ابوبڪر ﷺ خاموش ٿي ويو. پوءِ چيائين ته امان! نبي ڪريم ﷺ گذريا هئا ته پاڻ ڇا فرمايو هيائون؟ عورت چيو ته پاڻ فرمايائون پنيان ابوبڪر اچي رهيو آهي ان کان پڇجان. حضرت صديق اڪبر ﷺ حيران ٿي ويو ۽ سوچيائين ته جيڪڏهن آءٌ ان کي چوان ته اهو شهيد ٿي ويو آهي ته شايد اهو ٻڌي برداشت نه ڪري سگهي. اهو ڏسي اها عورت پڇڻ لڳي ته ڇا منهنجو پٽ شهيد ٿي ويو آهي؟ حضرت ابوبڪر ﷺ ڪيس چيو امان! ٿوري دير صبر ڪر تنهنجو پٽ پنيان اچي رهيو آهي. ائين چئي حضرت ابوبڪر ﷺ اتان روانو ٿي ويو ۽ اها عورت اتي ئي ويٺي رهي. اڳتي هلي حضرت ابوبڪر ﷺ دعا جا هٿ کنيا ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻي عرض ڪيائين اي منهنجا مالڪ! تون ڄاڻين ٿو ته مون کي تنهنجي نبي ڪريم ﷺ "صديقَ" جو لقب عطا ڪيو آهي. صديق ان کي چوندا آهن جنهن پوري زندگي ڪوڙ نه ڳالهايو هجي. يا الله! قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن تنهنجي نبي ڪريم ﷺ منهنجو اهو ڪوڙ ڏٺو ته آءٌ نبي ڪريم ﷺ کي پنهنجو منهن ڪيئن ڏيکاريندس؟ يا الله! جيڪڏهن عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ جي لاءِ تون مئلن کي زنده ڪندو هئين ته آءٌ به تنهنجي محبوب ﷺ جو غلام آهيان. يا الله! توکي تنهنجي ذات جو واسطو مالڪ بن سنان کي زندگي عطا فرماءِ.

پاڻ غم جي حالت ۾ روئندي اها دعا گھريائين. پريشاني جي عالم ۾ مسجد نبوي ۾ سبني کان پوئتي ويهي رهيو. اها عورت اٿي بيٺي هئي ته ڏٺائين ته هڪ شخص اچي رهيو آهي جڏهن اهو قريب ٿيو ته واقعي به ان جو پٽ مالڪ بن سنان انصاري هيو. امڙ کيس پيار ڪيو ۽ کيس وٺي مسجد نبوي ۾ پهتي. اصحابي سڀ کيس ڏسي حيران ٿي ويا. اهو ته شهيد ٿي ويو هيو ۽ اسان کيس دفن ڪري آيا هياسون. الله تعاليٰ جبريل عَلَيْهِ السَّلَامُ کي موڪليو. ان نبي ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو ته يارسول الله! اصحابن کي چئو ته حيران نه ٿيو. اوهان جي صديق جي زبان مان اهي الفاظ نڪري چڪا هئا ته امان صبر ڪر تنهنجو پٽ پٺيان اچي رهيو آهي. الله تعاليٰ صديق جي زبان کي سچ ڪري ڏيکاريو ۽ مالڪ بن سنان کي ٻيهر زندگي عطا ڪيائين ۽ ان کي لباس پهرائي ٻيهر اوهان جي خدمت ۾ موڪليو اٿس.[1]

سبحان الله! صديق جا لفظ رب سچا ثابت ڪيا. الله خود انهن جي زبانن جو ڀرم رکندو آهي. ولين جي لفظن ۾ جانورن کي به سڃاڻ هوندي آهي. ان ڪري اهي به سندن فرمانبرداري ڪندا آهن.

جاندار فرمانبردار:

حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمايو ته: حضرت سلمان فارسي ﷛ مدائن مان نڪتا ۽ ساٿن گڏ هڪ مهمان به هيو. پاڻ جهنگ ۾ هرڻَ ڏٺائون جيڪي گهمي رهيا هئا ۽ پکين کي اڏامندي ڏٺائون. پاڻ انهن کي ڏسي فرمايائون توهان مان ڪو ٿُلهو مَتارو هرڻ ۽ هڪ پکي مون وٽ اچي. مون سان گڏ هڪ مهمان آهي. آءٌ ان جي مهمان نوازي ڪرڻ چاهيان ٿو.

---

[1] شفاء الصدور (ص: 124)

سندن آواز تي هڪ هرڻ ڊوڙندو آيو ۽ هڪ پڪي به سندن ويجهو اچي ويٺو. مهمان ڏسي چيو سبحان الله! ڇا هي جانور ۽ اڏامندڙ پکي به اوهان جا تابعدار آهن؟ حضرت سلمان فارسي ﷺ فرمايو ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڇا توکي خبر ناهي ته جنهن ٻانهي الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪئي ته ٻي ڪابه شيءِ ان جي نافرماني نه ڪندي.[1]

ذات تي نــاهي ڏات رکايــل، جـو وهنــدو ســو لهنــدو هُــو،
عشـق جي مـنزل سـوئي مـاڻي، پـيش پـرينءَ جـو پونـدو هُـو،
ســيرا جــوهرَ ماڻــڪَ مـوتي، لوچينــدڙُ ئي لهنــدو هُــو،
سـوئي مـاڻي مـن جـون مُرادون، سِرَ تي سُورَ جـو سهندو هُـو.

جيءُ جُهڪــائج جانــب اڳيــان، هي آ حــج حضـوري هُــو،
دل ۾ داخــل ڪــر نــه ڪهــين کي، زاهــد تيءُ ضروري هُــو،
محبـت جـو ميـنـاج چـکي ڏس، چاهـت واري چُـوري هُـو،
هڪ جي حُبَ هيين ۾ رک تـون، ماڻين سوب سموري هُـو.

روح جي راحــت فــيض ۽ فرحــت، آهي ذڪــر الاهي هُــو،
ڪونـه ڏسي تـو ڪوبـه ڪشـالو، راه انـهيءَ جـو راهي هُـو،
هــر هــر پـل ۾ پــرين پُڪــارِجُ، ســاهه ڪــٿي نــا ســاهي هُــو،
"ڪـرم الله" ڪـڏ ڪاڻ نه ڪنهن جي، تنهنجو الله واهي هُـو.

---

[1] ڪراماتِ اولياءِ حضرت عبد الله يافعي يمني (ص: 269)

الله وارن جا وجود خير آهن:

هڪ ولي الله جنهن علائقي ۾ هوندو آهي ته ان جي وجود مسعود جون برڪتون پوري علائقي کي خير ۽ برڪت سان ڀري ڇڏينديون آهن. ڇوته اهو نافِع ۽ مبارڪ وجود ماڻهن جي معيشت، انهن جي رزق، دشمنن مٿان مدد ۽ نصرت جو سبب هوندو آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته الله ٿو فرمائي:

إِنِّي لَأَهُمُّ بِأَهْلِ الْأَرْضِ عَذَابًا فَإِذَا نَظَرْتُ إِلَىٰ عُمَّارِ بُيُوتِي وَالْمُتَحَابِّينَ فِيَّ وَالْمُسْتَغْفِرِينَ بِالْأَسْحَارِ صَرَفْتُ عَذَابِي عَنْهُمْ.[1]

بلاشڪ آءٌ زمين وارن تي عذاب نازل ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهيان، پوءِ جڏهن منهنجي نظر انهن ماڻهن تي پوندي آهي جيڪي منهنجي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا آهن ۽ منهنجي خاطر هڪ ٻئي ۾ محبتون رکڻ وارا آهن ۽ سحر جي وقت بخشش گهرڻ وارا آهن ته انهن (زمين جي گنهگارن) تان پنهنجو عذاب هٽائي ڇڏيندو آهيان.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۹۶﴾ (الأعراف: 96)

۽ جيڪڏهن ڳوٺن وارا ايمان آڻن ها ۽ ڊڄن ها ته اسان انهن تي آسمان ۽ زمين جون برڪتون کوليون ها ۽ پر انهن (نبين کي) ڪوڙو ڄاتو پوءِ اسان انهن کي پڪڙيو انهن عملن سبب جيڪي اهي ڪندا هئا.

صحيح بخاري ۾ حديث شريف آهي:

---

[1] سبل الهدى والرشاد في سيرة خير العباد (9 / 158) ذخيرة الحفاظ (2 / 615) جامع الأحاديث (8 / 284) فيض القدير (2 / 313) الإتحافات السنية بالأحاديث القدسية (ص: 65)

عَنْ مُصْعَبِ بْنِ سَعْدٍ قَالَ رَأَى سَعْدٌ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ أَنَّ لَهُ فَضْلًا عَلَى مَنْ دُونَهُ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ هَلْ تُنْصَرُونَ وَتُرْزَقُونَ إِلَّا بِضُعَفَائِكُمْ.[1]

حضرت معصب بن سعد ﷜ کان روايت آهي چيائين ته سعد ﷜ اهو سمجهيو ته هو ٻين ماڻهن کان ڀلو آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته: اوهان جي جيڪا مدد ڪئي وڃي ٿي ۽ اوهان کي جيڪو رزق ڏنو وڃي ٿو سو اوهان جي ضعيف هيڻن ماڻهن جي مهابي آهي.

الله وارن جون برڪتون:

مؤمنين ۽ صالحين ماڻهن ۾ گهڻي خير ۽ برڪت سبب پاڻ ڪريمن ﷺ مؤمن ٻانهن کي کجور جي وڻ سان تشبيهه ڏني آهي:

إِنَّ مِنَ الشَّجَرِ لَمَا بَرَكَتُهُ كَبَرَكَةِ الْمُسْلِمِ.[2]

بلاشبه وڻن مان هڪ (کجور جو وڻ) اهڙو آهي جنهن جي برڪت مسلمان جي برڪت جهڙي آهي.

جيئن کجور جي وڻ جو ٿڙ، پاڙون، چوڏا، پَنَ، ميوا، ڪڪڙي سڀ مان نفعا آهن. ان جي ڪا شيءِ بي فائده ۽ بي سود ناهي تيئن مسلمان ٻانهو به برڪتن جو ڀنڊار هوندو آهي.



---

[1] صحيح البخاري (4 / 37) مسند أحمد (36 / 61) صحيح ابن حبان (11 / 86) شرح السنة للبغوي (14 / 264) كشف الخفاء (2 / 332)

[2] صحيح البخاري (7/ 80) تعظيم قدر الصلاة لمحمد بن نصر المروزي (2 / 705) الجمع بين الصحيحين (2 / 222) جامع الأصول (6 / 575)

ٽيون باب

ڪرامـــات

پيرن جي پير جو قدم ڪل ولين تي:

حضرت شيخ يوسف همداني رحمت الله عليه الله جو ڪامل اڪمل ولي ٿي گذريو آهي. جنهن ڏانهن پيران پير حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ ۽ ابن السقا ۽ ابن عصرون رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ ويا هئا. ان قصي ڪي بيان ڪندي ابو سعيد عبد الله بن ابي عصرون چيو ته آءٌ علم جي طلب ۾ بغداد ويس. نظاميه مدرسي ۾ ابن السقا منهنجو ساٿي هيو. اسان صالحن جي زيارت ڪرڻ ويندا هياسين. بغداد ۾ هڪ الله جو ولي هيو جنهن کي ماڻهو ”غوث“ چوندا هئا. جڏهن اهو چاهيندو هيو ته ظاهر ٿيندو هيو ۽ جڏهن چاهيندو هيو ته مخفي ٿي ويندو هيو. اسان ان جي زيارت جو ارادو ڪيو ۽ اسان سان شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ به گڏ هليا. پاڻ ان وقت جوان هئا. ابن السقا چيو ته آءٌ ان غوث کان ضرور هڪ مسئلو پڇندس جنهن جو جواب ان کي نه ايندو. مون (ابن عصرون) چيو ته آءٌ به لازمي ان کان هڪ مسئلو پڇندس ۽ ڏسندس ته اهو ڇا ٿو فرمائي؟ شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ فرمايو نعوذ بالله آءٌ ڪانئس ڪجهه به سوال نه ڪندس. آءٌ ساڻن برڪت جي حصول، ملاقات ۽ زيارت ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو. پوءِ اسان ٽئي گڏجي اتي پهتاسون. جڏهن اهو آيو ته ان ابن السقا ڏانهن ڪاوڙ جي حالت ۾ ڏٺائين ۽ چيائين ته اي ابن السقا! توتي افسوس آهي.

تنهنجو خيال آهي ته تون مون کان اهڙو مسئلو پڇندين جنهن جي جواب جو مون کي علم ناهي. تنهنجو مسئلو هي آهي ۽ ان جو جواب هي آهي. بيشڪ آءٌ ڏسان ٿو ته ڪفر جي حالت تي تنهنجو موت ٿيندو. پوءِ ان مون (ابو عصرون) ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين ته اي عبد الله! تون به مون کان هڪ مسئلو پڇڻ چاهين ٿو ته جيئن تون ڏسين ته آءٌ ان جو جواب ڪهڙو ٿو ڏيان؟ تنهنجو مسئلو هي آهي ۽ ان جو جواب هي آهي. بي ادبي جي ڪري دنيا تنهنجي ڪنن تائين پهچندي. تون وڏو دنيادار ۽ امير ٿيندين. پوءِ پاڻ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني حسني حسيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ ڏانهن ڏٺائين ۽ سندن قريب آيو ۽ سندن عزت افزائي ڪيائين ۽ چيائين ته اي عبد القادر! تو ادب واري وات ولي الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي راضي ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ ڏسان ٿو ته ڪو وقت ايندو ۽ تون بغداد ۾ منبر تي ويهي اهو نعرو هڻندين ته:

قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰي رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللهِ.

منهنجو هي قدم هر ولي جي گردن مٿان آهي.

آءٌ ڏسان ٿو ته تنهنجي وقت جي سڀني ولين پنهنجا گردن جهڪائي ڇڏيا آهن. پوءِ اهو غوث اسان کان غائب ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ اسان ڪيس ڪڏهن به نه ڏٺو. پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن ان فرمايو هيو.

ابن عصرون چيو ته اسان ٽنهين مان ابن السقا جو هي حال ٿيو جو اهو علم ۾ مشغول ٿي ويو تانجو پنهنجي وقت جي سڀني عالمن کان اڳرائي ڪري ويو ۽ وڏي شهرت حاصل ڪيائين. ڪو به ماڻهو ڪنهن به علم ۾ ان سان مناظرو نه ڪري سگهندو هيو. فصيح اللسان هيو ۽ خوبصورت به هيو.

خليفي ان کي پنهنجي قريب ڪيو ۽ روم جي بادشاھ وٽ پنهنجو نمائندو ڪري موڪليائين. بادشاھ ان کي ڏٺو ته وڏو تعجب ٿيس. ان پنهنجا پادري گڏ ڪيا. انهن سڀني ان سان مناظرو ڪيو پر سڀني کي شڪست ڏئي ڇڏيائين. بادشاھ وٽ سندس مرتبو وڏي ويو. هڪ ڏينهن بادشاھ جي ڌيءَ ان کي ڏٺو. ڪجھ ڏينهن تائين اهي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا ۽ اهو بادشاھ جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو. هڪ ڏينهن بادشاھ کان سندس نياڻي جو سڱ گهريائين. بادشاه چيو ته اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن تون پنهنجو دين ڇڏي عيسائي ٿيندين. پوءِ معاذ الله اهو عيسائي ٿي ويو ۽ ان جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين. ڪجھ عرصي کان پوءِ بيمار ٿي پيو. ان کي اتان ڪيدي بازار ۾ ڇڏي آيا ته جيئن ماڻهن کان کاڌي جي شين جو سوال ڪري ۽ کائي. ان وٽان هڪ شخص گذريو چيائين ته هي تنهنجي حالت ڪيئن ٿي آهي؟ چيائين مون کان امتحان ورتو ويو آهي. چيائين ڇا تون حافظ آهين؟ چيائين نه. پر هڪ آيت ياد آهي:

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ۝۲

(اُهو وقت به ٿيندو جو) ڪافر گهڻو ئي خواهش ڪندا ته ”هائو جي مسلمان هجن ها“.

پوءِ ان کي سڪرات جي حالت طاري ٿي. ان جو منهن قبلي ڏانهن ڪن پيا ته ڦري وڃي پيو ۽ اهڙي طرح بي ايمان ٿي مري ويو.

ابن ابي عصرون چيو ته منهنجي حالت هن طرح ٿي جو آءٌ دمشق ۾ ويس ته سلطان نور الدين مون کي گهرايو. پوءِ ان مون کي زبردستي اوقاف جو والي بنايو. پوءِ دنيا مون ڏانهن پلٽجي پئي ۽ آءٌ وڏو شاهوڪار ۽ مالدار بنجي پيس.

هڪ وقت آيو جو شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ تي الله تعاليٰ جي انعامات جون نشانيون ظاهر ٿيون. پاڻ خاص ۽ عام ۾ مقبول ٿي ويا ۽ پاڻ هڪ ڏينهن منبر تي ويهي اهو نعرو هنيائون:

قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰي رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللهِ.

منهنجو هي قدم هر ولي جي گردن مٿان آهي.

سندن خدمت ۾ خاص ۽ عام ماڻهو گڏ ٿي ويا انسانَ ۽ جيڪي جِنَّ وليءَ هئا انهن به سندن اڳيان گردن جهڪايو. صرف اصفهان ۾ هڪ شخص هيو جنهن سندن اعلان تي گردن نه جهڪايو ته ان کان ولايت ڦرجي وئي ۽ سندن هٿ مبارڪ تي بيشمار ڪرامتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. جيئن ان غوث فرمايو ائين ئي اسان جو حال ٿيو.[1]

حضرت خواجه بهاؤالدين جي لفظن جو ڪمال:

حضرت سيد محمد بهاؤالدين نقشبند بخاري رحمت الله عليه جيڪي نقشبندي سلسلي جا مؤسسِ اعليٰ آهن. هڪ ڏينهن پاڻ درياء جي ڀرِ ڪناري تي هئا، جتي حضرت شيخ سيف الدين باخرزي قدس سره جي مزار پاڪ آهي. پاڻ ڪجھ درويشن سان ڪچهري ڪري رهيا هئا. هڪ شخص چيو: اڳين بزرگن ۾ ڪرامتون هونديون هيون. انهن جا تصرفات هوندا هئا. هن زماني ۾ ڪو اهڙو بزرگ ناهي جنهن کان ڪرامتون ظاهر ٿينديون هجن. پاڻ فرمايائون اجا به اهي آهن ۽ اهي ايندا رهندا. جو اگر اهي هن درياء کي اشارو ڪن ته الٽو وَهُ ته اهو ان ئي وقت الٽو وهڻ لڳي. سندن ائين چوڻ سان درياء الٽو وهڻ لڳو. ان وقت ڪافي ماڻهن سندن ان ڪرامت کي ڏٺو.

---

[1] جامع ڪرامات اولياء (ج 2 ص: 7897)

پاڻ درياءَ کي فرمايائون تون سڌو ٿي وهه مون ته صرف ڳالهه پئي ڪئي. سبحان الله! ڇا ته ولي جي لفظن جي طاقت هئي.

حضرت خواجہ بهاؤالدين ۽ باغ:

حضرت مولانا سعدي فرشوي رحمة الله عليه فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت خواجه بهاؤالدين نقشبند بخاري رحمة الله عليه باغ ۾ تشريف فرما ٿيا. سرءُ جي موسم هئي ۽ باغ به ويران نظر اچي رهيو هيو جڇڪ هڪ خارستان ۽ شورستان محسوس ٿي رهيو هيو. پاڻ فرمايائون ته اسان تنهنجي باغ کي سرسبز ۽ تازو ڪري ٿا ڇڏيون ته جيئن تنهنجو اعتقاد پڪو ٿي وڃي. پوءِ پاڻ فرمايائون هاڻي ڏس. مون ڏٺو ته سمورو باغ ميون سان ڀرپور هيو. مون دل ۾ چيو ته هي سرسبز ۽ شاداب باغ منهنجو ته نه آهي. پاڻ فرمايائون هي تنهنجو ئي باغ آهي. پوءِ ڪافي عرصي تائين اهو باغ ائين سرسبز ۽ شاداب رهيو.

سيد انا جو تصو:

حضرت سيد انا رحمت الله عليه حضرت عزيزان علي راميتني رحمة الله عليه جا همعصر بزرگ هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ سندن ملاقاتون به ٿينديون هيون. ابتدا ۾ حضرت سيد آنا کي حضرت عزيزان ۾ گهڻ اعتقاد هيو. هڪ ڏينهن سيد انا کان حضرت عزيزان رحمة الله عليه جي بي ادبي ٿي پئي. انهن ڏينهن ۾ ترڪن جي هڪ ٽولي صحرا جي طرف کان حملو ڪيو ۽ سيد انا جي نينگر کي قيد ڪري وٺي ويا. جڏهن ڪيس معلوم ٿيو ته سمجهي ويا اهو بزرگن جي بي ادبي ڪري ٿيو آهي ته پاڻ سندن خدمت ۾ معافي لاءِ حاضر ٿيا ۽ وڏي انڪساري ۽ عاجزي سان ڪين دعوت عرض رکيائون. ڪين ان دعوت جو سبب معلوم ٿي ويو ۽ پاڻ ان دعوت کي قبول فرمايائون. ان دعوت ۾ وڏا وڏا علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عظام به آيل هئا.

حضرت خواجه عزيزان رحمة الله عليه ان وقت ڪيف جي حال ۾ هئا. جڏهن خادم دسترخوان وڇايو ۽ نمڪ دان آڻي اڳيان رکيو ۽ ته ان وقت پاڻ فرمايائون: آءٌ تيسين نمڪ دان ۾ آڱر نه وجهندس ۽ هٿ ماني تائين به نه ويندو جيسين سيد انا جو نينگر هن دسترخوان تي نه ايندو. پوءِ پاڻ ٿوري دير تائين خاموش رهيا. سڀئي ماڻهو سندن لفظن جي تاثير جا منتظر هئا. ان ئي وقت سيد انا جو ٻچڙو گهر پهچي ويو. سمورا ماڻهو حيران ٿي ويا. جڏهن نينگر کان ان بابت پڇيو ويو؟ چيائين مون کي ڪا خبر نه آهي. مون کي ترڪ قيد ڪري وٺي وڃي رهيا هئا ۽ آءٌ هاڻي توهان سان گڏ ويٺو آهيان.

فقير جي دعا:

هڪ ڀيري چار مسافر سفر ۾ نڪتا. هڪ ڊکڻ ٻيو درزي ٽيون سونار چوٿون فقير. سفر ۾ هلندي هڪ هنڌ رات پئجي وئي. سوچيائون سڀئي سمهنداسين متان ڪو دشمن يا ڦاڙيندڙ جانور حملو ڪري. ان لاءِ رات جا چار پهر، هر پهر هڪ ساٿي ڪي ورهائي ڏنائون. پهريون پهر ڊکڻ جو هيو. ڊکڻ سوچيو ته ڪونه ڪو ڪم ويهي ڪيان. ان هڪ ٻُنڍ کي ڏٺو. ان منجهان هڪ عورت جو مجسمو ٺاهيائين. ٻيو پهر درزي جو آيو. ان ڏٺو ته چار ته اسين آهيون هي پنجون ڪير آهي! ڪاٺ جو مجسمو عورت جو وجود ڏسي سمجهي ويو ته هي منهنجي ساٿي ڊکڻ جي ڪاريگري آهي. پوءِ درزي پنهنجي ڪاريگري ڏيکاري. ان کي عورتن وارو سهڻو لباس پهرايائين. ٽيون پهر سونار جو هيو. سونارُ به پنهنجي ٻنهين سائين جي ڪاريگري سمجهي ويو. ان وري پنهنجي ڪاريگري ڏيکاري. ان مجسمي کي نڪ ۾ ڦُلي، ڪنن ۽ هٿن ۾ زيور پهرايائين. جڏهن ان جو وارو ختم ٿيو ته آخري پهر فقير جو هيو.

فقير سمجهي ويو ته هي منهنجي ٽنهين سائين پنهنجي صنعت، حرفت ۽ ڪاريگري ڏيکاري آهي. فقير الله جي در تي دعا جا هٿ کنيا. يا الله! منهنجي سائين پنهنجي ڪاريگري ڏيکاري آهي. آءٌ تنهنجي در جو فقير آهيان. تو کي عرض گذاريان ٿو ته هن مجسمي ۾ ساه داخل ڪر. فقير جي رات جي پوئين پهر واري دعا اگهاڻي. مجسمي ۾ ساه پئجي ويو. هڪ حسين وجميل خوبصورت ڇوڪري زنده ٿي پئي. هاڻ ڇئني سائين جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو. ڊکڻ چيو ته هن جو وجود مون ٺاهيو آهي، ان جي ڪري آءٌ حقدار آهيان ته اها منهنجي ڪنوار ٿئي. درزي چيو پوتي ته مون پارائي آهي ان ڪري هيءَ ڪنوار منهنجي ٿيندي. سونار چيو ته هن جي نڪ ۾ ڦُلي ۽ ڇيچ ۾ مُندي مون پارائي آهي ان ڪري هي ڪنوار منهنجي ٿيندي. فقير چيو ته بنڊ ۾ ساه ته منهنجي دعا جي ڪري الله وڌو آهي. ان ڪري هيءَ ڪنوار منهنجي ٿيندي. ڇئني جو بحث ڊگهو ٿي ويو. سوچيائون ته ڇو نه قاضي کان هلي فيصلو ڪرايائون. شهر جي قاضي وٽ پهتا. ان حسين وجميل ڇوڪري کي ڏسي چيو هي ته منهنجي ٻانهي آهي. گهر مان نڪري وئي هئي. پوءِ پنجن ئي ڄڻن جو تڪرار ٿي پيو. بالآخر فقير دعا جا هٿ کنيا يا الله! هن منجهان ساه کڍ ته سيني جا جهڳڙا ختم ٿين. ساه نڪتو، ساڳو مجسمو بنڊ بڻجي پيو. سيني جي دعويٰ ختم ٿي پئي.

مست جي لفظن جي تاثير:

حضرت غوث علي قلندر پاڻي پتي رحمت الله عليه جي ڪتاب تذڪره غوثيه ۾ هڪ بزرگ جو واقعو بيان ٿيو آهي ته: هڪ شادي جي تقريب ۾ هڪ مست بزرگ آيو جيڪو پنهنجو حال ماڻهن کان پوشيده ڪندو هيو.

ان جي ولايت ۽ ڪرامت جي ڪنهن کي خبر نه هئي. بظاهر مستانو لڳندو هيو. اهو هڪ شادي جي تقريب ۾ آيو ته ماڻهو سائس مسخري ڪرڻ لڳا. گهوٽ پنهنجي آڳر سندس پيٽ ۾ هنئي. سندس زبان مان لفظ نڪري ويا:

هان هان ڇا ٿو ڪرين؟ جوڪرُين وارا ڪم ٿو ڪرين!

سندن انهن لفظن نڪرڻ سان ان مرد ۾ جوڪرُين جا آثار ظاهر ٿيا ۽ اهو جوڪِري بڻجي ويو. ان اچي ماءُ سان ڳالهه ڪئي ۽ حقيقت حالُ ٻڌايو. اها حيرت زده ٿي وئي. ان جي پيءُ کي ٻڌايائون. اهو ڪيس وٺي ان مست فقير وٽ آيو. معافي گهريائون.

فقير چيو ان وقت نه ته منهنجي زبان هئي نه منهنجو اختيار. پڇيائون هاڻي ان جو علاج ڇا ٿيندو؟ فرمايائين وري اهڙي مجلس لڳائي وڃي. وري ماڻهو گڏ ٿين، وري اهو جوڪرو ساڳي طرح حرڪت ڪري. پوءِ ڏسجي ته ڪهڙا ٿا لفظ نڪرن. پوءِ ائين ڪيو ويو. مست مٿان حال طاري ٿيو ۽ ان جوڪري ساڳي طرح حرڪت ڪئي. سندن زبان مان لفظ نڪتا ”هان هان جوڪرن واريون حرڪتون ٿو ڪرين. سندن اهي لفظ نڪتا ۽ اهو وري جوڪرو ٿي پيو.

تعويذ جي تاثير:

هڪ شخص پڪوڙا ڪپائيندو هيو. رزق ۾ برڪت نه هيس. هڪ بزرگ وٽ اچي عرض ڪيائين سائين دعا گهرو ته منهنجي روزي ۾ برڪت پوي. بزرگن پڇيو ڇا ڪندو آهين؟ عرض ڪيائين پڪوڙا ڪپائيندو آهيان. پاڻ فرمايائون تعويذ ڏيانءِ ٿو دڪان ۾ رکجان پر ڪڏهن تعويذ کي کولجانءِ نه. ان ماڻهوءَ جڏهن اهو بزرگن جو تعويذ پنهنجي دڪان ۾ رکيو ته ڏنڌي ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿيندي ويس.

برڪت ايڏي پيس جو ڪجھ عرصي کان پوءِ وڏو مالدار ٿي ويو. پڪوڙن جي دڪان مان ماڙيون ٺاهيائين. هڪ ڀيري ڪيس دل ۾ خيال ٿيو ته ڏسان ته سهي آخر بزرگن اهو ڪهڙو تعويذ لکيو آهي جو ايڏي تيزيءَ سان ترقي ٿي رهي آهي. تعويذ جو کوليائين ته لکيل هيو: اے لوگوان سے پکوڑے خریدو۔

تعويذ کولڻ کان پوءِ اها ڳالھ نه رهي. بزرگ کي اچي عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائون اگر تعويذ کي کولين نه ها ته پوري زندگي ان جي تاثير ڏسين ها.

اِجهو سانوڻ آئيو:

مرشدي حضرت محبوبِ الاهي نَوَّرَ الله مَرْقَدَهٗ فرمايو ته هڪ عورت هڪ بزرگ وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين ته سائين منهنجو پٽ گم ٿي ويو آهي. ڏاڍي تلاش ڪئي اٿئون پر ڪٿان ان جي خبر به نه ملي آهي. مائي ڏاڍي آزي ۽ التجا ڪئي. بزرگ کي رحم اچي ويو. بزرگ پڇيو امان! نالو ڇا اٿس؟ عرض ڪيائين سائين نالو سانوڻ اٿس. بزرگ فرمايو ته پنو پين کڻي ڏيو. ڪاغذ تي لکيائين ته:

ڪنڌيءَ ڪانھ سنواريا اجهو سانوڻ آئيو.

مائي جڏهن گهر پهتي ته هن کان اڳ ۾ ئي سانوڻ گهر پهچي چڪو هيو. وري مائي کي ڪُني ڪنئي ته بزرگ کي اچي چيائين سائين هي پنهنجو تعويذ واپس وٺو. اوهان جي تعويذ کان اڳ ۾ منهنجو پٽ گهر پهچي ويو هيو. بزرگ فرمايو امان واقعي ائين آهي ته پوءِ اهو اسان وارو تعويذ اسان کي ڏي. پاڻ اهو تعويذ مائي کان وٺي ڦاڙي جڏيائون. مائي جڏهن گهر پهتي ته نه ڪو سانوڻ نه ڪو سيارو. وري روئندي بزرگ وٽ پهتي ۽ عرض ڪيائين ته:



سائين مون کي معاف ڪجو. بزرگ فرمايو امان اسان جي تعويذ ڪان پهريان تنهنجو پڻ اڃي ويو هيو نه؟ هاڻي پاڻ وڃي ان کي تلاش ڪر.

۽ آوي ساري سون بڻجي پئي:

هڪ الله جو صالح ٻانهو گڏھ تي سوار ڪنهن ڳوٺ ۾ آيو. سخت سرڊي جي موسم هئي. تيز برسات وسي رهي هئي. گهڻن ماڻهن جا دَر ڪڙڪايائين پر فقير لاءِ ڪنهن به در نه ڪوليو. نورو نالي هڪ ڪُنڀار وسندڙ مِينهَن ۾ آوِي جي نگهباني لاءِ نڪتو. ان جڏهن فقير کي وسندڙ مِينهن ۾ ٿڌِي هواءِ ۾ ڏڪندي ڏٺو ته فقير کي پنهنجي گهر وٺي آيو. ان کي پنهنجا خُشڪ ڪپڙا پهرايائين. گهر ۾ جو ڪجهه کاڌي جي شيءِ موجود هئي سا کارايائين. فقير جي گڏھ کي پنهنجي جانورن جي وٿاڻ ۾ ٻَڌائين ان کي به گاھ چارو مُهيا ڪيائين. فقير جڏهن ٿانيڪو ٿيو ته ڪُنڀار کي ڏٺائين ته بار بار ٻاهر اچ وڃ هُيس. آخر فقير پڇيس ته تون بار بار ٻاهر ڇالاءِ پيو وڃين؟ ان چيو ته آءٌ ڪُنڀار آهيان. منهنجي آوِي ۾ ٿانوَ پچي رهيا آهن. بارش وسي رهي آهي. اوهان سمجهي سگهو ٿا ته اگر بارش جو پاڻي آوي ۾ اندر پيو ته منهنجي سڄي سال جي ڪئي ڪمائي ڇَٽ ٿي ويندي. ڪچا ٿانوَ بارش جي پاڻي ۾ ڳري ويندا. فقير فرمايس ته هاڻي وڃين ته تنهنجي آوِي مان هڪ ٺڪري ڪنيو اچجان. ڪنڀار هڪ ٺڪري آڻي پيش ڪئي. فقير ان ٺِڪري مٿان ڪجهه لکيو ۽ ڪنڀار کي فرمايائين ته هيءَ ٺِڪري پنهنجي آوِي جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ دفن ڪري تون اچي آرام سان سمهي پئو. تنهنجي ٿانون کي ڪو نقصان ڪونه ٿيندو. ڪنڀار عقيدتمند هيو. ٺڪري پوري اچي آرام سان سمهي رهيو. صبح جو فقير کي ناشتو ڪرايائين. فقير پنهنجي راهَ رمندو رهيو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڪنڀارَ جڏهن پنهنجي آوي ڪولي.

جا ڏسي ته آوي جا سڀ ٿانو سونَ جا بڻجي چڪا هئا. ايسٽائين جو جيڪو ٻارڻ يا خاڪ هئي اها به سون جي بڻجي چڪي هئي. ڪنڀار کي خوف ٿيو ته ڪيس ڪو ماري مال ڦٻائي نه وڃي. بادشاهه وٽ اطلاع ڪيائين ته مون سان هي حال پيش آيو آهي. بادشاهه فرمايس ته اها فقير جي لکيل ٺڪري پيش ڪر. جڏهن بادشاهه ٺڪري نهاري ته ان مٿان لکيل هيو:

جي نَه هُجي ها نُورا يار ڪُنڀارا
ته هلاڪ ٿي وڃي ها بلخ بخارا

بادشاهه فرمايو ته هي ته فقير ڪو ڪاني ڪرامت وارو هيو. تو ان جي خدمت ڪئي. ورنه ته هن جي بد دعا سان بلخ بخارا برباد ٿي وڃن ها. هاڻي ان سڀ سون جو مالڪ تون ئي آهين. بادشاهه ان جي مٿان سرڪاري پهريدار حفاظت لاءِ ببهاريا ۽ اهو سارو سون ڪنڀار جي حوالي ڪيو ويو. فقير جي چند لفظن ان جي زندگي بدلائي ڇڏي.

فقير جا الفاظ:

هڪ ڀيري وتائي فقير کي بک لڳي سو مسجد ۾ آيو. چيائين اي الله ماني ڪاراءِ نه ته منهنجي مٿان هي مسجد ڪيراءِ ته منهنجي جان ڇٽي. هن جو ائين چوڻ ۽ مسجد جي ڇت جي ڪامُن ۽ پٽين ۾ ٺڙڪاٽ ٿيا. فقير رڙ ڪري ٻاهر نڪري ڀڳو. او الله! مون کي مانيءَ ڳيو نه ٿو ڪارائين پنهنجو ٿهيو ٺُڪيو گهر ٿو ڊاهين.

۽ ٻيڙي ٻڏي وئي:

هڪ ڀيري وتايو فقير ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو ته ملاح چيو بسم الله الله تو آهر. فقير رڙ ڪئي ٻيڙي ببهار آءُ لهندس. ملاح چيو فقير جا ٿيو؟ چيائين اهڙي ڦهاري جو نالو ڪنيو ائي جنهن ڪيئي ٻيڙا ٻوڙي ڇڏيا سو مان لهندس. ٻيڙي وچ سِير ۾ وئي ته واقعي به ٻڏي وئي.

حضرت ذوالنون مصري جا الفاظ:

ڪرامات الاولياءِ ۾ آهي امام يافعي ابو جعفر کان روايت ڪئي ان چيو ته آءٌ حضرت ذو النون مصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ وٽ ويٺو هيس. اتي اهو ذڪر ٿيو ته هر شيءِ ولين جي فرمانبداري ڪندي آهي. حضرت ذو النون مصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمايو هڪ فرمانبرداري هي به آهي ته جيڪڏهن ڪو ولي هن ڪٽ کي چوي ته گهر جي چئني ڪُنڊن ۾ چڪر لڳائي ۽ پوءِ پنهنجي جاءِ تي اچي ترسي ته ائين ئي پوي. ائين چوڻ سان اها ڪٽ گهر جي چئني پاسن ڏانهن گهمڻ لڳي ۽ پوءِ پنهنجي جاءِ تي اچي بيٺي.[1]

۽ ٿنب سون جو ٿي پيو:

ابو القاسم حضرت جنيد بغدادي رحمت الله عليه فرمايو ته آءٌ مسجدِ شونيزيه ۾ آيس ته اتي ڪجھ فقيرن کي ڏٺم جيڪي هڪ بئي ۾ ڪرامتن جو ذڪر ڪري رهيا هئا. انهن مان هڪ درويش چيو ته آءٌ اهڙي شخص کي سڃاڻان ٿو جو اگر اهو هن ٿنب جي باري ۾ چوي ته " اڌ سون جو ۽ اڌ چاندي جو ٿي وڃي" ته ائين ئي پوندو. حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمايو جڏهن مون ان ٿنب ڏانهن ڏٺو ته اهو اڌ سون جو ۽ اڌ چاندي جو ٿي پيو هيو.[2]

جبل هلڻ لڳو:

حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ مِنيٰ جي جبل تي ويٺو هيو. پاڻ فرمايائين ته جيڪڏهن ڪو الله جو وليءُ سڳورو ان جبل کي چوي ته هَل ته اهو هَلڻ لڳي. ته ان جبل ۾ چرپر ٿي.

---

[1] ڪراماتِ اولياءِ حضرت عبدالله يافعي يمني (ص: 208) جامع ڪرامات اولياء (ص: 42)

[2] ڪراماتِ اولياءِ حضرت عبدالله يافعي يمني (ص: 208)

حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمايو: خاموش ٿي مون هڪ مثال بيان ڪيو پئي ته جبل خاموش ٿي ويو.[1]

هڪ ٻڪرار جي ڪرامت:

حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمايو ته آءٌ هڪ ٻڪرار وٽ ويس. مون ڪيس چيو ته تو وٽ ڪجهه پاڻي يا کير آهي؟ چيائين هائو. توکي کير گهرجي يا پاڻي؟ مون چيو پاڻي. ان پنهنجي ڪاني سخت پٿر تي هنئي ته ان ۾ سوراخ ٿي پيو ۽ پاڻي وهڻ لڳو. مون پاڻي پيتو ته برف کان ٿڌو ۽ ماکي کان مٺو هيو. آءٌ حيران ٿي ويس. ان چيو تعجب نه ڪر جو ته جڏهن الله تعاليٰ جو ٻانهو ان جي اطاعت ڪندو آهي ته هر شيءِ ان جي اطاعت ڪندي آهي.[2]

ٿيو ائين جيئن فرمايائون:

جامع ڪراماتِ اولياءِ ۾ آهي ۽ ان روايت کي امام مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ به بيان ڪيو آهي ته حضرت حسن حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ وٽ هڪ شخص حَسن نالي رهندو هيو. ان کان کو اهڙو ڪم ٿي ويو جو بزرگ کي ان جي مٿان ڪاوڙ آئي. پاڻ ان وقت پنهنجي ڪيفيت ۾ هئا. سندن زبان مبارڪ مان هي الفاظ نڪتا ته اسان حسن جي گلَ لاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. اهو شخص ڀڄندو اچي هڪ ويران جاءِ ۾ اچي لِڪي ويٺو ته مٿان ماڻهو مون کي وٺي منهنجي گل نه لاهي ڇڏن. جيئن اهو ان جاءِ ۾ پهتو ته اتي ان وقت ئي ان جي گل ڪِري پئي.[3]

---

[1] ڪراماتِ اولياءِ حضرت عبدالله يافعي يمني (ص: 208)

[2] ڪراماتِ اولياءِ حضرت عبدالله يافعي يمني (ص: 268)

[3] جامع ڪراماتِ اولياءِ (ج2 ص: 102)

ذڪار ختم ٿي ويو:

حضرت امام يافعي روض الرياحين ۾ فرمايو ته مون کي هڪ انتهائي نيڪ ۽ صالح شخص ٻڌايو جيڪو ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هيو. ٻڌايائين هڪ ڀيري اسان تي مِينهن وسڻ بند ٿي ويو. ڏڪار جي حالت ٿي وئي. ماڻهو پريشان ٿي ويا. اسان مان هڪ شخص ڀاڄي خريد ڪرڻ لاءِ آبادي مان نڪري ويو ۽ تمام مهانگو ڀاڄي خريد ڪيائين. ان کي هڪ فقير مليو جنهن کي ڪڏهن به نه ڏٺو هيائين. ان فقير کي چيائين ته توکي اسان جي حالت ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي؟ اسان جي لاءِ الله تعالىٰ کان دعا گهر. فقير چيو ته ڪهڙي دعا؟ چيائين بارش پوڻ جي دعا گُهر. اهو ٻڌي فقير جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ زور سان هڪ رڙ ڪيائين ۽ ان کي ڇڏي اتان هليو ويو. ان شخص چيو ته آءٌ اجان گهر به نه پهتو هيس ۽ نه ئي اهو خريد ڪيل ڀاڄي ڪنهن ٿانو ۾ لاتو هيم ته اچانڪ برسات وسڻ شروع ٿي وئي. ايتري بارش وسي جو نيسارا وهي هليا ۽ ٻوڏ جهڙي ڪيفيت ٿي وئي. ڏڪار ختم ويو ۽ خوشحالي اچي وئي.[1]

ڦاهي گهاٽ مان آزادي

قُدوة الاولياءِ حضرت خواجه الاهي بخش المعروف محبوبِ الاهي انصاري غفاري نور الله مرقده جي الفاظن ۾ زبردست تاثير هوندي هئي. پاڻ جيڪي لفظ زبان مبارڪ مان ڪيندا هئا اڪثر ائين ٿي پوندو هيو. سندن مريد فقير گل محمد قمبراڻي جيڪو ميراول ڳوٺ جو رهواسي هيو. ان کي هڪ زميندار ناحق خون جي ڪيس ۾ جهلرايو (قيد ڪرايو). پوءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هليو.

---

[1] جامع ڪراماتِ اولياءِ (ج 2 ص: 812)

ڪيس موت جي سزا ملي ڪيس دادو مان ڪٺائي حيدرآباد جي جيل ۾ آندائون. ان دوران پاڻ حضرت محبوبِ الاهي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ سان خط وڪتابت ڪندو رهندو هيو. پاڻ ان ڪي هر دم دلاسا ڏيندا هئا. پوءِ جڏهن سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ آيو ته نهايت مايوسي ۾ ڏک مان هڪ خط لکيائين ته سائين اوهان جي دعائن جو ڪو به اثر نڪتو آهي جو آءٌ ڦاهي گهاٽ جي ڪالَ ڪوٺڙي ۾ اچي پهتو آهيان. ان خط جي جواب ۾ پاڻ هن طرح لکيائونس ته: فقيرَا! ڇو سُست ٿيو آهين؟ هي تنهنجي آزمائش ۽ امتحان آهي. اسان جا هٿ تو ۾ مضبوط آهن. ڪابه ڳڻتي نه ڪر. ڦاهي گهاٽ مان ڪڍڻ ۾ به رب وٽ دير نه لڳندي. اهو وقت ايندو جو تون پاڻ چوندين ته ڇگو ٿيو جو ائين ٿيو. جڏهن هي ڪيس خط پهتو چيائين آءٌ سوچڻ لڳس ته آءٌ ڦاهي گهاٽ ۾ آهيان ۽ پاڻ لکن ٿا ته تون چوندين ته ڇگو ٿيو جو ائين ٿيو. هي ڇا آهي؟ پوءِ قدرت خدا جي، ڪورٽ ڪيس ڪيس مان باعزت بَري ڪري ڪڍي ڇڏيو. جڏهن آزاد ٿي آيو ته چيائين اهڙا حالات پيدا ٿيا جو چيم ته ڇگو ٿيو جو ائين ٿيو. اهڙي طرح ڦاهي گهاٽ مان به سندن دعا سان آزادي ملي.[1]

لکت جو اثر:

هڪ الله جو ولي گڏهه تي سوار هيو. ڪنهن شهر ۾ آيو. رات پئجي وئي. سخت بارش برسي رهي هئي. ڪيترن جا در ڪڙڪايائين پر ڪنهن به فقير لاءِ در نه کوليو نه ان ڪي رات لاءِ پناهه ڏني. هلندي هلندي هڪ ڪُنبار وٽان گذريو جيڪو پنهنجي آوي ڪي مينهن کان بچائڻ ۾ ان جي سار سنڀال لاءِ ٻاهر نڪتل هيو.

---

[1] سوانح حيات حضرت محبوبِ الاهي.

ان جو فقير کي پڄندو ڏنو ته فقير کي پنهنجي گهر وٺي آيو. کنيار جِي گهر وارِيءَ کي وِيَمَ جا سُور هئا ان کري اهو بيقرار اندر ٻاهر پئي ٿيو. فقير به ڳالهہ سمجهي ورتي ۽ ان گهر ڌڻي کي چيائين ته پين پنو آڻي ڏي. ان پين پنو آڻي ڏنو. فقير ان تي لکيو:

مرا جا شُد خرم را نيز جا شُد، زَنے دَهقان زايد يا نہ زايد۔

مون کي به جاءِ ملي منهنجي گڏهہ کي به جاءِ ملي. هاڻي هن ٻهراڙي واري شخص جي زال ٻار ڄڻي ته ڄا نه ڄڻي ته ڄا؟

اهو تعويذ ٺاهي ان گهر ڌڻي کي ڏنائين چيائين ته هي زال کي ڳچي ۾ ٻڌ. ان جيئن گهر واري کي تعوِيذ ٻڌو ته آرام سان ان کي خَلاصِي ٿي ۽ کيس پٽ ڄائو. فقير جي اِن تعويذ واري بيت جي لفظن ۾ اڄ به اها تاثير آهي ته جنهن عورت کي وِيَمَ جي تڪليف هجي ته اهو ساڳيو فارسي جو شعر لکي تعويذ بڻائي ان جي ڳچيءَ ۾ ٻڌو وڃي ته ان کي آرام سان ٻار جي ولادت ٿيندي.

سيد العاشقين جا الفاظ مبارڪ:

سيد العاشقين حضرت پير سيد عاشق علي شاهہ جيلاني رحمت الله عليه جن جي مزار پُر انوارِ جنة البقيع شريف ۾ آهي. پاڻ آلِ نبي ﷺ ۽ اولادِ علي ؓ هئا. پاڻ مشائخن جا مهندار هئا. قادري قافلي جا سالار هئا. واقفِ اسرار هئا. رباني راز دار هئا. صدق ۽ وفا جا پيڪر هئا. هزارين عاشقن جي اکين جو نُور ۽ دلين جو سُروُر هئا.

هڪ ڀيري پاڻ حضرت قلندر لال شهباز رحمت الله عليه جي مزار پاڪ تي آيا ته سندن خدمتگار خليفو غلام رسول مهر به ساڻن گڏ هيو. پاڻ ان ڏانهن نهاري کيس فرمايائون: ”تو سڄي زندگي اسان جي خدمت ڪئي آهي. اڄ ڪجهہ گهر ته توکي الله کان وٺي ڏيون.“

خليفي عرض ڪيو ته قبلا ڪرارَ ۾ ڪمزوري وٺي وئي آهي. مون کي قلندر جي در تي رب ڪان پُٽُ وٺي ڏيو. پاڻ فرمايائون: اهو مِلي ويندو. اڃا ٻيو به ڪجهه گهر! عرض ڪيائين. سائين پٽ کي به پٽ وٺائي ڏيو. پاڻ فرمايائون: اهو به ملي ويندو. اڃان به ڪجهه گهرجئي؟ عرض ڪيائين منهنجو پٽ ۽ پوٽو ٻئي قرآن جا حافظ ٿين. پاڻ فرمايائون: ان شاءَ الله ائين ئي ٿيندو. پوءِ ان فقير کي پٽ به ٿيو. پوٽو به ٿيو. اڄ اهي ٻئي قرآن جا حافظ به ٿيا.

هي نينگر مفتي ٿيندو:

علامه مفتي نذير احمد سڪندري زيد مجده جيڪي شهر خيرپور ميرس ۾ حضرت سائين حاجي الله آندل نقشبندي قادري رحمت الله عليه جي مدرسي "مدرسه عربيه انوارِ مجتبيٰ" ۾ مُدرس ۽ مفتي هئا. انهن بيان ڪيو ڪيو ته جڏهن پاڻ ننڍا هئا ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي قريب ننڍڙي ڳوٺ ٻَئي شريف جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا ته سندن والد گرامي کين هڪ ڀيري خانپور ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي خدمت ۾ وٺي ويو. سائين جن کي دعا لاءِ عرض ڪيائين. حضرت محبوب الاهي منهنجي مٿي تي شفقت جا هٿ ڦيرائي فرمايو ته: "هي نينگر مفتي ٿيندو". مون کي ان وقت خبر به نه هئي ته مفتي ڇا ٿيندو آهي؟ پوءِ پڙهيس ۽ الحمد لله جيئن وليءِ ڪامل پنهنجي زبان مبارڪ مان فرمايو هيو ائين ئي ٿيو.

صادر ٿيو سو، جيڪي چيائون،
لِسَانُ الفُقَرَاءِ سَيفُ الرَّحمان، ائين اُتائون،
تني جي آئون، کهڙي ڪريان ڳالهڙي.

اکرن ۾ اثر آهي:

غزل

خدا جي دوستن پيارن جي اکرن ۾ اثر آهي،
انهي اک سان نهارن جي، ته نَظرُن ۾ اثر آهي.

اهي پاکر جا پائن ٿا، لَٽو لِڱَ سان جو لائن ٿا،
انهن جي پاڪ پوشاڪن ۾ ڪپڙن ۾ اثر آهي.

جاتي اهي پَير پائن ٿا، قدمَ ڪاملَ گُهمائن ٿا،
انهن ماڳن مڪانن ۾، شهرن ۾ اثر آهي.

انهن جي آستانن تي، وسن ٿيون نور جون لاٽُون،
ولين جي مزارُن ۾، قبرن ۾ اثر آهي.

دعا جا جي ڪٽن هٿڙا، خدا خالي نه موٽائي،
سندن نالن ۾ نيشانن ۾ حُجرن ۾ اثر آهي.

انهن جي پاڪ پيشاني، سندن چهرا به نوراني،
مِٽي جا پاڪ پيرن جي ۾ پگهرن ۾ اثر آهي.

ولين وٽ آهي سب ڪجهه ملي محبت عقيدت سان،
”ڪرم الله“ جي عقيدو آ، پيزارن ۾ اثر آهي.





چوٿون باب



سانحات

عارف بالله جا الفاظ:

حضرت شيخ نجم الدين ڪبريٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جو هڪ خليفو هيو، جيڪو بغداد جي بادشاهه جو مرشد هيو. هڪ ڏينهن خليفي صاحب مجمعِ عام ۾ فرمايو ته: ”پير ڪامل ڪُڪِڙ وانگر هوندو آهي. يعني ڪُڪِڙ جي هيٺان جهڙو به آنو رکيو ويندو ان جي مٿان آرو ڀچائيندي آهي ته ان مان چوزا نڪري پوندا آهن. تِتر جا ٻچا جهنگ ۾ اڏامي ويندا. ڪُڪڙ جا ٻچا مٽي ۾ ليٽندا. بَدَڪ جا ٻچا درياهه ۾ ترندا. اسان به بَدَڪ جي ٻچن وانگر توحيد جي درياءَ ۾ ترون پيا.“

*بچہءِ بطا اگر شبینہ بود*آب دریاش تابہ سینہ بود*

بدڪ جو ٻچو اگر ڪالهه به جائو هجي ته به درياءَ جو پاڻي ان ڪي سيني تائين مس ايندو آهي.

اها ڳالهه ڪنهن ماڻهو حضرت نجم الدين ڪبريٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ کي ٻڌائي ته اوهان جو خليفو اوهان کي ڪُڪڙ سان مشابهت ٿو ڏئي ۽ پاڻ کي بدڪ سان تشبيهه ٿو ڏئي. جيڪا پاڻيءَ مٿان ترندي آهي. پاڻ فرمايائون ته اهو نالائق درياهه ۾ ٻڏندو. اهو خليفو صاحب بغداد جي بادشاه جو مرشد هيو، ان ڪري بادشاهي محل ۾ ان کان پردو نه ڪيو ويندو هيو. اهو بي تَڪَلُّفُ شاهي محل ۾ ايندو ويندو هيو. اتفاق سان هڪ ڏينهن محل ۾ آيو ته بادشاهه گهر ۾ موجود نه هيو. اهو بادشاهه جي پلنگ تي سمهي پيو.



ڪجھ دير ڪان پوءِ بادشاھ جي راڻي آئي. سمجھيائين ته پلنگ تي بادشاھ آهي، سو ان جي پاسي ۾ سمھي پئي. ٿوري دير نه گذري ته بادشاھ به اچي پھتو. بادشاھ اهو تماشو ڏسي خاموشي سان واپس هليو ويو ۽ بادشاھ جي دل ۾ بد گماني پيدا ٿي پئي. جڏهن ميان صاحب جي اک کلي ته بادشاھ جي زال کي پاسي ۾ سُتل ڏٺائين ۽ يڪدم اتان اٿي ٻاهر هليو ويو. بادشاھ مَلاحَن کي حڪم ڏنو ته اڄ اسان جي مرشد کي درياھ جو سير ڪرايو ۽ انهن کي اشارو ڪيائين ته ان کي درياھ جي وچ (ڪُنَ) ۾ ٻوڙي ڇڏجو. مَلاحن بادشاھ جي حڪم تي عمل ڪيو. جڏهن بادشاھ رات جي وقت محل ۾ آيو ته زال ڏينهن وارو سمورو قصو ڪري ٻڌايس. اهو قصو ٻڌي بادشاھ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته مون ظلم ڪيو آهي ۽ پنھنجي مرشد کي ٻوڙائي ڇڏيو اٿم. هاڻي يا ته قصاص لازم ايندو يا خون بها. پوءِ بادشاھ گھڻا پيسا ڏوڪڙ کڻي حضرت نجم الدين ڪبريٰ رحمت الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سمورو قصو بيان ڪري تلوار ۽ پيسا سندن سامهون رکيائين ۽ عرض ڪيائين خون بها ۽ منهنجو هي سِرُ حاضر آهي. جيئن اوهان کي ٺيڪ لڳي ائين ڪيو. پاڻ ان وقت جَذبَ جي حالت ۾ هئا. فرمايائون ته منهنجي پياري مريد کي ماري هاڻي پيسا ۽ سِر کڻي آيو آهين؟ ڇا ان جي قيمت صرف ايتري هئي؟ فرمايائين ته نه. ان جي خون بها ۾ ڦھريان منهنجو گردن، پوءِ تنهنجو ۽ جيترا هن زماني جا وليءَ ۽ سادات عظام ۽ عالم ۽ حاڪم، مرتبي وارا آهن انهن جا گردن گھرجن. پوءِ پاڻ هڪ جو نالو وٺڻ شروع ڪيائون تانجو فرمايائين ته فريد الدين عطار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جو سر به ۽ پوءِ بغداد جو نالو وٺڻ شروع ڪيائون پر اڃا سندن زبان مان (بغداد جو) اڌ لفظ بغ لفظ نڪتو هيو ته

هڪ مريد سندن وات تي هٿ ڏئي سندن وات بند ڪيو ته اها اسان جي پيرن جي جاءِ آهي. پوءِ پاڻ خاموش ٿي ويا. پوءِ ٿيو ائين جو هلاڪو خان تاتار مان نڪتو. پهريان حضرت نجم الدين ڪبريٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ کي شهيد ڪيائين پوءِ بغداد جي ان بادشاهه کي ان ڪانپوءِ خراسان ۽ ايران جي بادشاهن کي به قتل ڪري ڇڏيائين ۽ اڏ بغداد کي به قتل ڪري ڇڏيائين. جڏهن منگولن جو لشڪر نيشاپور جي ويجهو پهتو ته حضرت فريد الدين عطار پنهنجو ڪاٺ جو پيالو اونڌو ڪري ڇڏيو. ته پورو شهر لشڪر جي نگاهن کان اوجهل ٿي ويو. تاتاري فوج حيران ۽ پريشان ٿي پنهنجي خيمن ڏانهن واپس موٽي آئي. ٻئي ڏينهن هلاڪو خان پنهنجو لشڪر ٻيهر موڪليو. شام جو پريشان ٿي لشڪر وري واپس موٽي آيو ۽ انهن کي شهر جي خبر نه پئجي سگهي. هلاڪو خان چيو ته شايد هن شهر ۾ ڪو مردِ ڪامل آهي. سڀاڻي آءٌ پاڻ ان لشڪر جي اڳواڻي ڪندس ۽ شهر کي تباه ڪري ڇڏيندس. يا اهو نه هوندو يا آءٌ نه هوندس. ٻئي ڏينهن اهو نيشاپور ڏانهن وڌيو. اتي حضرت عطار رحمت الله عليه پنهنجو پيالو اونڌو ڪرڻ پئي چاهيو ته حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَامُ پهتو ۽ حضرت خواجه فريد الدين عطار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جو هٿ پڪڙي ورتائين ۽ چيائين ته بس هاڻي ڇڏي ڏيو. توهان جي باري ۾ سرڪاري حڪم جاري ٿي چڪو آهي. چيائين ته ڪهڙو قصور آهي؟ حضرت خضر چيو ڏوهه ڪو به ڪونهي بلڪه مالڪ جو اختيار آهي.

جهاں دار داند جهاں داشتن، يکے را بر يدن يکے کاشتن۔

پوءِ چيائين ته هاڻي جيڪڏهن پيالو اونڌو ڪندين ته ڪجهه به نه ٿيندو. بس هاڻي پنهنجي ڪرامت کي ڇڏ.

آخرڪار شيخ عطار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ پنهنجو سر مبارڪ جهڪايو ۽ شهيد ٿي ويو.

توتِ گويائي کان محرومي:

حضرت ابن فرفره دمشقي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ وڏو صاحبِ ڪرامات بزرگ هيو. سندن هڪ مشهور ڪرامت جامع ڪراماتِ اولياءِ ۾ آئي آهي ته پاڻ شافعي مفتي حضرت غزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ جي درس ۾ ويهندا هئا. مفتي غزي شام جي علائقي جو وڏو محدث هيو. پاڻ جامع بني اميه ۾ قبة النسر جي هيٺان صحيح بخاري جو درس ڏيندو هيو. هڪ ڏينهن درس جي دوران ابن فرفره دمشقي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ اهڙي گفتگو ڪئي جيڪا موضوع جي متعلق نه هئي ۽ ڪجهه سوال به ڪيائين. ته اتي مفتي نجم به ويٺو هيو. ان چيو خاموش ٿي وڃ. ابن فرفره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ فرمايو بلڪه تون خاموش ٿي وڃ. اهو چئي ڪاوڙ جي حالت ۾ درس مان اٿي هليا ويا. اتفاق سان مفتي نجم صاحب ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بيمار ٿي پيو ۽ فالج جو مرض لڳي ويس تانجو ڳالهائڻ کان به محروم ٿي ويو. جهه سالَ درس ۾ ايندو رهيو پر بالڪل خاموش هوندو هيو. پوءِ شيخ ابن فرفره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ جي دل کي خوش ڪيائين ته آهستي آهستي زبان کي طاقت ملي ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. ان کان پوءِ مفتي نجم ابن فرفره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ جا هٿ چمندو هيو ۽ پنهنجو عذر پيش ڪندو هيو ۽ ان سان دلي محبت رکندو هيو.[1]

---

[1] جامع ڪرامات اولياء (ج 2 ص : 118)

مرض لاعلاج:

حضرت محبوب الاهي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جِي جڏهن خانپور ۾ رهائش هئي. هڪ عورت درگاه ۾ آئي. ڪنهن بہ بزرگ جي مريدياڻي هئي. چوڻ لڳي ته هِت ڇا آهي؟ پنهنجي مرشد جو نالو وٺي چوڻ لڳي ته ان وٽ وڏو فيض آهي ۽ بار بار اهي لفظ چوندي رهي. ڪنهن اچي اها ڳالھ حضرت جن کي ٻڌائي ته فلاڻي عورت بار بار هيئن پئي چوي. سندن زبان مان لفظ نڪتا ته اِن آنديءَ کي ڪهڙي خبر؟ اها عورت جيستائين حويلي ۾ هئي، تيستائين ٺيڪ صحت مند ۽ نور واري هئي. جڏهن حويلي مان ٻاهر نڪتي ته ٻنهين اکين کان بلڪل نابينا ٿي وئي. انهن جي عزيزن ان جو وڏو علاج ڪرايو تانجو ملتان ۽ شجاع آباد تائين ماهر ڊاڪٽرن کي ڏيکاريائون پر ڊاڪٽرن چيو ته هِن عورت جي نور واريون رڳون ئي ختم ٿي چڪيون آهن. هِن عورت کي ڪڏهن به اکين ۾ نور اچي نه سگھندو. هن جو مرض لاعلاج آهي.

حضرت ميان محمود صاحب رحمت الله عليہ:

صاحب اللفظ هئا. زبان مان جيڪي لفظ ڪيندا هئا ائين ٿي پوندو هيو. ڪنهن بزرگ جو فرمودو آهي ته:

لِسَانُ الْفُقَرَاءِ سَيْفُ الرَّحْمَانِ.

فقيرن جون زبانون رحمان جون تلوارون هونديون آهن.

هڪ ماڻهو جيڪو حضرت ميان محمود رحمت الله عليه جو مريد سڏائيندو هيو. ان وٽ نياڻيون وينل هيون. هڪ ماڻهو اچي ميان سائين جن کي عرض ڪيو ته اوهان جي فلاڻي مريد وٽ نياڻيون وينل آهن، ان کي اوهان منهنجي سفارش ڪيو ته مون سان مائٽي ڪري.

ٻاڻ فرمايائونس، وڃي سگ گهريس منهنجي نالي چويس. اهو ماڻهو ويو. ان کي وڃي ميان سائين جو نياپو ڏنائين. ان انڪار ڪيو. پر گهڻ وڏ لفظ ڳالهايائين. ان ماڻهو موٽي اچي سائينجن کي سريستي ڳالهه ٻڌائي. ڪين سخت جلال اچي ويو. فرمايائون: ”انڌو نه ٿيو چريو نه ٿيو“. پوءِ واقعي به اهو ماڻهو انڌو به ٿيو ۽ چريو به ٿيو.

اچا نيض وارا اٿئي جڳ ۾ جيرا: (غزل شريف)

اچا فيض وارا، اٿئي جَڳَ ۾ جيرا،
نه ٻيجانءِ ٻائو، فقيرن تان ڦيرا.
جِنِي عشقُ عربي سانديو آهي سيني،
انهن لاءِ هر جاءِ خَيراً ڪَثِيرَا.
جَنِي جي مُحَبَّتَ ۽ صُحبَتَ سنواري،
وَسَائِج وڃي تون انهن دَرَ ۽ ديرا.
ٻلارن اندر ٿا اهي عيب ڳولن،
جني قلب ڪارا ۽ مَنَ جا جي ميرا.
فقيرن جون دعائون، نگاهون نوازِنِ،
انهن جي اگڻ تي پيو پاءِ پيرا.
سوالي کي خالي نه موٽاءِ منڙا،
فرشتا به ٻڌجي، اچن ٿا فقيرا.
فقيرن ڏي نفرت منجهان نا نهارج،
هوندا گودڙين ٿئي، لِڪَلَ لال هيرا.
فقيرن جون دليون جني پي ڏڪايون،
اچا مُنهن انهن جا اٿن پير نِيرا.
”ڪرم الله“ ڪهين ساڻ احوال اوريان،
منهنجي ڪيئن سمجهن ڪِلڻ ۾ جي ڪيرا.

پنجون باب



واقعات

اسمِ الله جي طاقت ۽ قوت:

چوڻ لاءِ ته دنيا ۾ ڪروڙين لفظ آهن. پر اسم "الله" چوڻ جو شان ئي نرالو آهي. ان جي تاثير ئي بيمثال آهي. اهلِ معرفت چون ٿا ته: اسمِ **"الله"** ۾ اها باطني طاقت ۽ پرواز آهي جو پنهنجي ذاڪر جي دل کي فرش کان کڻي عرش تي پهچائي ڇڏيندو آهي. پنهنجي رب جي نالي تي فدا ٿيڻ واري حضرت شيخ ياقوت عرشي رحمة الله عليه کي "عرشي" ان ڪري سڏيندا هئا جو سندن دل الله جي نالي جي ورد سبب رب جي محبت سان لبريز ٿي وئي هئي. چون ٿا سندن دل (عالمِ تصور ۾) هميشه عرش تي هوندي هئي ۽ زمين تي صرف سندن جسم هوندو هيو. بيو سبب هي هيو ته عرشِ اعليٰ کي جيڪي ملائڪ کنيو بيٺا آهن، انهن جي اذان پاڻ جسم واري ڪنن سان زمين تي ٻڌندا هئا.

هڪ بيت جي تاثير:

الله جا ڪامل ولي حضرت شاه عبدالغني رحمة الله عليه باجمال هيا ۽ باڪمال هيا. پوري زندگي جهان وارن کي فيض ڏيندا رهيا. جڏهن سندن پيري اچي وئي ۽ ڪين ڪراڙپ ۽ ڪمزوري وڪوڙي وئي ته به مريدن سان مهر ڪندا رهيا. سندن وصال وقت ڪين بيحد ڪمزوري هئي. ان وقت سندن ڪيترائي مريد مراقبي ۾ فيض جي انتظار ۾ ويٺا هئا ته پاڻ اچانڪ پنهنجي مٺڙي زبان مان هي شعر شوق ۽ ذوق مان پڙهيائون.



ہر چند پیر و خستہ دل و ناتواں شدم،
ہر گہ کہ یاد روئے تو کردم جوان شدم ۔

توڙي جو آءٌ تمام گهڻو ضعيف ۽ پيرسن ٿي چڪو آهيان جو پاسو به نه ٿو ورائي سگهان پر تنهنجي ديدار جي ياد ۽ تنهنجي تصور پوڙهن کي به جوان بنائي ڇڏيو آهي ۽ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو آهي ته پوءِ آءٌ به تنهنجي ديدار جي ياد سان ۽ تنهنجي تصور سان جوان ٿي ويندو آهيان.

پاڻ ان شعر کي اهڙي انداز ۾ پڙهيائون جو پڙهندي پاڻ ته پنهنجي رب جي محبت ۾ محو ٿي ويا پر مريدن مٿان ڪو باطني توجهه ڪيائون جو مراقبي ۾ ويٺل ماڻهن مٿان وجداني ڪيفيتون طاري ٿي ويون. انهن مان ڪي واصل بالله ٿي ويا. ڪن مٿان ٿن ڏينهن تائين الله جي محبت جي نور جو اهڙو ته سرور رهيو جو اهي بي خود رهيا. ان ئي ڪيفيت ۾ بزرگ شاهه عبد الغني رحمت الله عليه جو وصال ٿي ويو. انا لله وانا اليه راجعون.

قبر مان ڪلام:

صاحبِ فتح القدير حضرت شاه ڪمال بن همام رحمت الله عليه جڏهن حضرت شيخ اسڪندري رحمة الله عليه جي مزار شريف جي زيارت لاءِ آيا ته وڏو ادب ۽ احترام بجا آندائون. پاڻ سندن قبر جي قريب ويهي سورة هود جي تلاوت ڪري رهيا هئا. جڏهن هن آيت تي پهتا:

يَوْمَ يَأْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ إِلَّا بِإِذْنِهِ ۚ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَسَعِيدٌ ﴿١٠٥﴾ (هود:105)

جڏهن اُهو ڏينهن ايندو ته ان (الله) جي موڪل کان سواءِ ڪوبه ڳالهائي نه سگهندو. پوءِ انهن مان ڪي بدبخت هوندا ۽ ڪي بختاور.

ته حضرت شيخ اسڪندري رحمت الله عليه مزار جي اندران آواز آيو:

يَا كَمَالُ لَيْسَ فِيْنَا شَقِيٌّ.

اي ڪمال اسان ۾ ڪو به بدبخت ناهي.

پوءِ حضرت شاھ ڪمال بن همام رحمت الله عليه وصيت فرمائي ته جڏهن مان مري وڃان ته مون کي حضرت شيخ اسڪندري جي مزار جي قريب دفن ڪيو وڃي. پوءِ سندن وصيت مطابق ائين ڪيو ويو.

سلطان العارفين جي ڳالھ:

سلطان العارفين حضرت با يزيد بسطامي رحمة الله عليه جي ابتدائي زماني جي ڳالھ آهي. پاڻ هڪ ڀيري ڪاڏي جي ديڳ پچايائون. اعلان ڪرايائون ته جنهن کي جيڪو به ڪاڏو گهرجي اهو پنهنجو من پسند ڪاڏو ان ديڳ مان ڪڍي کائي. پوءِ ته شهر جا سمورا ماڻهو، مسافر ۽ مقيم سڀ اچڻ لڳا ۽ ديڳ مان پنهنجي خواهش مطابق ڪاڏو ڪڍي کائڻ لڳا، پر ديڳ ختم نه ٿي. اتفاق سان ان ڏينهن هڪ مسافر ڪنهن سَراءِ (مسافر خاني) ۾ آيل هيو. پاڻ پنهنجي مريد کي ان مسافر ڏانهن موڪليائون. دعوت لاءِ ڪافي اسرار ڪيو ويو پر ان مسافر اچڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته آءٌ هي ڪاڏو هرگز نه کائيندس. پوءِ حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليه پاڻ آيا ۽ ڪيس ماني جي دعوت ڏنائون. ان چيو ته آءٌ انسان جو گوشت کائيندس. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته منهنجو گوشت حاضر آهي. جتان وڻئي اتان ڪٽي کاءُ. مسافر چيو واه! توهان به انسان ٿي ويا! ٿورو پاڻ تي غور ته ڪيو. پاڻ بنظرِ بطون پنهنجي صورت تي غور ڪيائون ته ڏٺائون ته پاڻ بصورت طائوس (مور) آهن.

ان وقت مسافر چيو ته هاڻي ته خدا خدا ڪري مور جي صورت ۾ آيا آهيو. جڏهن انسان جي صورت نصيب ٿيندوَ ته پوءِ ان وقت دعويٰ ڪجو. ٻلا هاڻي ڪان ڪيئن هڪ ديڳ مان الله جي سڀ مخلوق ڪي ماني ٿا ڪارايو! ائين چئي غائب ٿي ويو. پوءِ پاڻ ڏاڍا رُنا ۽ ديڳ ٻجي جڏيائون.

نينگر مٿان نگاهه:

هڪ ڏينهن حضرت خواجه عزيزان علي راميتني رحمت الله عليه وٽ ڪجهه مهمان سندن گهر آيا. ان وقت سندن گهر ۾ کائڻ جي ڪابه شيءِ موجود نه هئي. مسافر ڪافي انتظار ڪري ٻاهر آيا. اچانڪ ماني وڪڻ وارو هڪ ڇوڪرو جيڪو سندن معتقد به هيو، ماني ڪٺي حاضر ٿيو. پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مهمانن کي ماني ڪارايائون. پوءِ ان نينگر کي فرمايائون ته تنهنجي خدمت سان اسان ڏاڍا خوش ٿيا آهيون. هاڻي جيڪا تنهنجي خواهش هجي ته ٻڌاءِ، اها اسان پوري ڪنداسين. ڇوڪرو تمام هوشيار ۽ عقلمند هيو. چيائين مون کي پاڻ جهڙو بنايو. پاڻ فرمايائون اهو ڪم نهايت مشڪل آهي ۽ ان جو بار تون ڪٿي ڪونه سگهندين. پر ان ڏاڍي عاجزي سان عرض ڪيو منهنجي ته مراد اها ئي آهي. پاڻ فرمايائون ائين ئي ٿيندو. پوءِ پاڻ ان کي اڪيلائي ۾ وٺي ويا ۽ ان تي اهڙو ته توجه ڪيائون جو هڪ گهڙي ۾ اهو حضرت عزيزان رحمة الله عليه جهڙو ٿي پيو. ان جي صورت ۽ سيرت بلڪل سندن وانگر ٿي پئي. ان ڪان پوءِ تقريباً چاليهه ڏينهن اهو نينگر زنده رهيو ۽ پوءِ وفات ڪري ويو.

اها عظيم ڳالهه آهي. اولياءِ ڪرام جي نگاهن ۽ الفاظن ۾ وڏي تاثير هوندي آهي. اهي ادنيٰ کي اعليٰ، بيڪار کي ڪار آمد، بي قيمت کي قيمتي بنائي ڇڏيندا آهن.

فقير جا الفاظ جج جي زبان مان:

حضرت مولانا محمد اسحاق ڪڙياڻي رحمت الله عليه چوٽي جا عالم هئا. استاد العلماء هئا. حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه جي استادن ۾ سندن نالو اچي ٿو. سندن ڳوٺ ڪڙيو غلام الله ضلعو دادو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ۾ هيو. سندن واقعو آهي ته ڪو ماڻهو ڪين نڪاح پڙهائڻ وٺي ويو. پاڻ نڪاح پڙهائي آيا. ڪين خبر نه رهي نڪاح تي نڪاح ٿي ويو. ٻي ڌر ڪورٽ ۾ هلي وئي دادو جي سيشن جج وٽ ڪيس هليو. جج واڻيو هيو. جج کي به شوق ٿيو ته مولوي کي ڪا سزا ڏيان. ڪيس هلندو رهيو. مولوي صاحب کي به پڪ ٿي وئي ته جج مون کي سزا ڏيندو. سوچيائين ته ڪنهن الله واري کان ڪا دعا گهرايان. ڪنهن ماڻهو چيس حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي تي هڪ مست فقير ويٺو آهي ان کان وڃي دعا گهراءِ. مولوي صاحب حيدرآباد آيو. ڏٺائين ته هڪ فقير آهي جيڪو بي لباس ويٺو آهي. مولوي صاحب کي ان جي هيئت ڏسي نفرت ٿي سوچيائين هي نانگو ڪهڙي دعا ڏيندو؟ پرائي اگهڙ ڏسڻ به گناهه آهي. هن کان ڪهڙي دعا گهرايان. پوئتي هٽي بيٺو ته مست مولوي صاحب ڏانهن نهاري چيو مولوي هيڏي اچ! مونکي زور ڏي. مولوي صاحب پئي منهن لڪايو ته پرائي اگهڙ تي نظر نه پوي. چيائين دل ۾ سوچڻ لڳس ته پرائي اگهڙ ڏسڻ ڏوهه آهي. هن جي ويجهو وڃي ڪيئن ڪيس زور ڏيان. مست مٺو مٺي ڪري مون کي ڏسي چيو نڪاح تي نڪاح پڙهڻ ثواب آهي، باقي فقير کي زور ڏيڻ گناهه آهي. چيائين آءُ پويان اچي فقير جي پٺاڙن کي زور ڏيڻ لڳس. چيائين هاڻي وڃ بصرالدين سيوهاڻي وٽ تنهنجو ڪم اتان ٿيندو. مون چيو سائين مهرباني ڪيو دعا گهرو. چيائين وڃ بصرالدين سيوهاڻي ڏي.

مولوي صاحب چيو مونيس پوئتي. سفر ڪندي ڪندي سيوهڻ اچي پهتس بڪ به ڏاڍي لڳي هئي. سوچيان پيو اڄ جيڪر به بُسرِيُون هجن مٿان مکڻ جا به چاٺان هجن ته ڪائي وڃان. سيوهڻ پهچي پڇيم ته مخدوم بصرالدين سيوهاڻي ڪٿي آهي. چيائون اهو ڳلي مان وڃي رهيو آهي. چيائين سندس پٺيان پهتس اچا نه حال ڪيم نه احوال مون کي ڏسي چيائين: ”هان پاڻ ڪان ڪم نه ٿِيُسِ ته وري توکي بصر ڏانهن موڪليو ٿس“. پوءِ مون کي هڪ حجري ۾ ويهاري پاڻ گهر ويو. ٿوري دير گذري موني آيو ته به بُسرِيون هجن ۽ مٿئون مکڻ جا به چاٺان رکيل هجن. اچا هڪ بُسري کاڌم ته ڊُوُ ني ويو. هڻ ڪڍيم. چيائين کاءُ نه. سچي واٽ پيو چوندو اچين به بسريون هجن ته کائي وڃان. مون چيو سائين بس مون لاءِ دعا گهرو ته منهنجي ڪيس مان جان ڇٽي. چيائين؛

”وڃ مولوي هي دفعو معافي اٿئي اڳتي اهڙو ڪم نه ڪجانءِ“.

نه دعا گهريائين نه ڪي هٿ کنيائين نه ڪو ٻاڏايائين. بس ائين هٿ سان اشارو ڪيائين وڃ. موني ڳوٺ پهتس ٿئين چوٿين ڏينهن تي حاضري هئي. ڪورٽ ۾ آيس پهرين پهرين مون کي سڏ ٿيو. جيڏي مهل ڪورٽ ۾ اندر ويس جج مونکي ڏسي چيو:

”وڃ مولوي هي دفعو معافي اٿئي اڳتي اهڙو ڪم نه ڪجانءِ“.

اهي لفظ جيڪي مخدوم بصرالدين سيوهاڻي رحمت الله عليه فرمايا هئا. جج جي ججمينٽ جا الفاظ به اهي هيا.

ڪاروڪوه منوٽي ويو:

حضرت مولانا غلام حسين دريشاڻي رحمت الله عليه ضلعي دادو جي شهر ڦلجي اسٽيشن جي پاسي ۾ هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن مولانا عبد الله هنگورو جُنگن جي ڳوٺ وارو وٽن آيو.

چيائين اج رات هلو ته پاڻ شريف هلون، اتي حضرت حبيب ڪريم ﷺ اج پاڻ جو ڪوهه منو ڪرڻ ايندا. پوءِ ٻئي سڳورا گڏجي پاڻ شريف ويا. اتي رات رهيا. پاڻ شريف جيڪا برصغيرِ جي وڏي علمي درسگاهه ۾ گذري آهي. ان شهر جو ڪوهه ڪارو هيو. پاڻي ڪڙو هيو. ان رات ڪان پوءِ اهو پاڻي منو ٿي ويو اج تائين به منو آهي. سبحان الله

سچل سرمست جو امتحان وٺڻ وارا:

سنڌ جي سڃاڻ صوفي، هفت زبان شاعر حضرت سچل سرمست وٽ ڪي ماڻهو امتحان وٺڻ خاطر آيا. اهي ذات جا ڪوري هئا. پر وڏا ڄُبا پاڻي بزرگن وارو نمونو بنائي سيد سڏائي سچل سائين وٽ آيا. پاڻ انهن جو احترام ڪيائون. انهن جي وڏي خدمت ڪيائون. رات رهيا صبح ٿيو. هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ڪٿي آهن الله وارا؟ اسان ڪوڙ هنيو ته به نه سڃاتائين. پاڻ ۾ اها گفتگو پيا ڪن تيسين سائين جن ناشتو ڪٺي آيا. ماني کارايائون. انهن واپس وڃڻ جي اجازت گهري. پاڻ فرمايائون مان شاعري ڪندو آهيان هڪ شعر ٻڌو ته جي چئو ته پڙهي ٻڌايان. چيائون ٻڌايو: پاڻ فرمايائون:

ڪوري آهيو ڪوري ذات جي ڪئي ٿوَ چوري.

ڪوري آهيو ڪوري.

عيسيٰ موسيٰ نانءُ اوهان جو وينل ڳاڙهي موري.

ڪوري آهيو ڪوري.

کهڙا گمبٹ راج اسان جو راڻي پور توڙي.

ڪوري آهيو ڪوري.

پوءِ اهي پشيمان ٿيا پنهنجي غلط سوچ جي معافي ورتائون.





رسول الله ﷺ تائين رسائي:

حضرت ميان محمود رحمت الله عليه ڪامل اڪمل ولي الله هئا. خيرپور ناٿن شاهه باءِ پاس وٽ سندن مزار آهي. پاڻ ذات جا لاڪير هئا. ذات تي ناهي ذات جو وهي سو لهي. ڀڻائي فرمايو آهي ته:

نَڱون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَڌِيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ذاتَرَ ذاتِ؛
ڪَهڙي پُڇِين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَڱِهيا.

هڪ ڀيري پاڻ حضرت قاضي برهان الدين رحمت الله عليه جي درگاهه شيرف تي آيا. مريدن کي توجهه ڏيندي چيائون:

اَغِثْنِي يَا رَسُوْلَ اللهِ!

سندن ان آواز سان سڀ ماڻهن کي وجد اچي ويو. پاسي ۾ جيڪو مريد ويٺو هيو اهو بيهوش ٿي ڪِري پيو. جيڏي مهل هوش آيس ته پڇيائونس ته ڇا ٿيو؟ چيائين جنهن مهل بزرگ هٿ اڳتي ڪري چيو اغثني يا رسول الله ته مون هنن اکين سان ڏٺو ته مديني وارا سائين آيا ۽ حضرت محمود جي هٿ ۾ هٿ ملايائون. جيئن جو جلوو ڏٺم ته بيهوش ٿي ڪِري پيس. سبحان الله سبحان الله!

شاهه گودڙئي سان ملاقات:

فقير احمد زمان پنهنور رحمت الله عليه بيان ڪيو ته هڪ دفعي حضرت ميان محمود سائين رحمت الله عليه ڪاڇي جي سفر تي اسريا. پاڻ بچاءَ بند کان مٿي ويا ساڻن اسان به چار فقير گڏ هياسين. اسان ٿورو پوئتي رهجي وياسين. هڪ ماڻهو اچي ساڻن مليو. پاڻ ان سان ڏاڍي پيار ۽ محبت سان ڀاڪر پائي مليا. ڪجهه دير پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي هليا.

اسان آواز ٻڌون پيا پر ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي ڇاٽا چون؟ پوءِ اڳيون هڪڙو جهنگ آيو. اهو ماٺهو جهنگ ۾ اندر هليو ويو. پوءِ اسان سائين جن سان وڃي ملياسين پڇيوسون ته سائين اهو ماٺهو ڪير هيو؟ فرمايائون اهو حضرت شاهه گودڙيو رحمت الله عليه هيو. حالانڪه ڪيس وصال ڪئي زمانو گذري چڪو هيو.

صاحبِ قبر سان مڪالمو:

هڪ ڀيري حضرت ميان محمود رحمت الله عليه ڪاڇي جي سفر ۾ فتوحل شاهه رحمت الله عليه جي دائري وٽ آيا، اتي رات پئجي وئي. فرمايائون رات هتي رهون ٿا سڀاڻي اڳتي هلنداسين. سخت سردي هئي. سائين جن فرمايو ته باهه ٻاريو ته هٿ سيڪيون. سُڪل ڪاٺيون قبرستان ۾ جام پيل هيون پر صاحبِ قبر بزرگ جو چوڻ آهي ته منهنجي مقام مان ڪو به ڪاٺي نه ڪٽي. جو ڪاٺي ڪٽي ته ان کي نقصان ضرور ٿئي. ميان محمود سائين مريدَ کي فرمايو ته ڪاٺيون ڪٽي اچ ته باهه ٻاريون هٿ سيڪيون. فقير ويو ڪاٺين جي هڙ ٻڌي ڪنيائين ته بزرگ جي قبر مان آواز آيو "**هُون هُون**". فقير کي ڏڪڻي وٺي وئي. ڪاٺيو اتي ڇڏيائين ۽ پوئتي موٽيو. ٻاڻ وري ٻئي مريد کي موڪليائون. اهو به ائين ڪاٺين جي هڙ ٻڌي ڪڻڻ لڳو ته وري قبر مان آواز ٿيو "هون هون". اهو به ڪاٺيون اتي ئي ڦٽي ڪري واپس آيو. حضرت ميان سائين محمود به جلالي بزرگ هوندا هئا ٻاڻ ڪاوڙ مان اٿيا. وڃي ڪاٺين جي وڏي هڙ ٻڌائون. ڪڻڻ لڳا ته وري قبر مان هڪل ٿي هون هون ته ميان محمود سائين فرمايو:

"ڦِٽَڻُ تون هُون، مري ويو آهين ته به لالچ نه ٿو ڇڏين، اسان ٿا سيءَ ۾ مرون ڪاٺيون ٻاري هٿ سيڪينداسين تون ڪاٺين کي ڪندين ڇا؟

آءٌ ڪائيون ڪنيون تُو وڃان جيڪو ڪرڻو ٿئي سو ڀلي ڪر". ڪائيون ٻاري هڻ سيڪيائون. سومهڻي جي نماز پڙهيائون. رات جو هڪڙو حصو گذريو ته ڏسن هڪڙو ماڻهو پيو اچي مانئين جو ٿهو به هجيس چونڙي ڪير جي به هجيس. چيائين مان فتوحل شاهه جو ٻهاريدار آهيان. پاڻ مون کي خواب ۾ آيا فرمايائون منهنجا مهمان آيا آهن. انهن کي ماني کاراءِ. سو هي ماني ڀچارائي ڪٺي آيو آهيان. پاڻ فرمايائون يا ته ڪائيون نه ٿي ڪڻ ڏنائين هاڻي وري دعوت تُو ڪارائي. سبحان الله. رب پاڪ فرمايو آهي ته :

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُورِ مِنْ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصَّالِحُونَ.

۽ بيشڪ اسان ذڪر کان پوءِ زبور ۾ لکي ڇڏيو آهي ته زمين جا وارث منهنجا صالح ٻانها آهن.

موت ٽري ويو:

حضرت شيخ محمد شربيني رحمة الله عليه خدا جي عبادت ۾ مست مگن ويٺو هيو ته سندس زال زاريون ڪندي روئندي رڙندي آئي. هاءِ الله! منهنجو ٻچو ٿو مري، خدارا دعا گهرو. بُزرگ نهاريو ته عزرائيل ڄاڻي تي چڙهيو ساهه قبض ڪرڻ لاءِ ويٺو آهي. پاڻ منهن مٿي ڪري نهاريائون ۽ عزرائيل کي فرمايائون:

دَعْ يَا عِزْرَائِيْلَ اِنَّ حُكْمَ مَوْتِهِ قَدْ نُسِخَ.

ڇڏ اي عزرائيل! هن جي موت جو حڪم منسوخ ٿي چڪو آهي. عزرائيل ڏٺو ته واقعي لوح محفوظ ۾ موت جي تقدير تبديل ٿي چُڪي آهي. عزرائيل وري ويو، موت ٽري ويو.

نگاہِ مردِ مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں،

اگر ہو ذوقِ یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں.



درويش راڄو:

واصل بالله مرد هيو. اهو زبان مان جيڪو لفظ ڪڍندو هيو سو ئي پوندو هيو. هڪ پيري ڪچ جي علائقي ۾ آيو، هڪڙي جاءِ تي مينهن جو وڻاڻ هيو. اتي اچي هڪڙي مائي کان کير گهريائين ان جواب ڏنس ۽ انهن بزرگ جي بي ادبي ڪئي. صبح جو ڏنار مال ڪاهي ويا ته وري نه موٽيا. سال پورو ٿيو. اتفاقاً ساڳيو فقير ساڳي مڪان تي آيو. ماڻهن سڃاتس معافي گهريائون ۽ مينهن جي گم ٿيڻ جي خبر ڪيائون. چيائين پاڻهي اچي ويندين. شام جو صحيح سالم سڀئي مينهون ڏنارن سميت آيون. ڏنارن کان ماڻهن پڇيو توهان سڄو سال ڪاڏي غائب ٿي ويا هيئو؟ ڏنارن چيو اسين ته صبح جو ويا آهيون شام جو موٽيا آهيون اسان کي سال ته گذريو ناهي. سبحان الله!

اگهاڻل الفاظ:

الله جا ڪامل وليءَ دل جي درستي ۾ ڪوشان هوندا آهن. اهي ظاهر سينگارڻ جي بجاءِ من جي دنيا کي سنواريندا ۽ سينگاريندا آهن. دنيا جا ماڻهو زبان کي سنواريندا آهن، عارف دل کي سڌاريندا آهن. پوءِ انهن جا سادا لفظ به الله وٽ اگهاڻل هوندا آهن.

مُنهُن ته آهيرِيان ئِي اَجِرو، قَلبَ ۾ ڪارو؛
ٻَهران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو؛
اِنَ پَر ويچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.

الائي ڇا هي؟

هڪ بزرگ رات جي وقت مسجد ڏانهن نماز تي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ ڪا شيءِ سندن پير سان ٽڪرائي. سندن زبان مان لفظ نڪتا: ”الائي ڪاٺي آ، الائي پٿر آ؟ الائي لوهه آ؟ الائي ڇا هي؟“



صبح جو جيڪو ماڻهو اها شيءِ ڏسي ته اهو ڏسي ڏسي چوي: الائي ڪاٺي آ، الائي پٿر آ؟ الائي لوهه آ؟ الائي ڇاهي؟ تانجو اها شيءِ هڪ ليبارٽري ۾ ڪٿي ويا سڀني ڊاڪٽرن ان جي مٿان جاکوڙ ڪئي ته خبر پوي ته هي ڪهڙي شيءِ آهي. آخر ۾ انهن لکي ڏنو: الائي ڪاٺي آ، الائي پٿر آ؟ الائي لوهه آ؟ الائي ڇاهي؟ الله جي ولي جا لفظ نڪتا ته اها شي ائين ئي پئي.

لفظن جو اثر:

قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه جي خليفي در محمد ڪُنبائي بيان ڪيو ته: منهنجو ڀڻاڻ قيصر خان مشهور چور رهزن ۽ ڌاڙيل هيو. اسان جڏهن حضرت پير غفاري رحمت الله عليه جي جماعت ۾ داخل ٿياسين ته قيصر خان کي زوري درگاهه رحمتپور تي وٺي آياسين. واٽ تي چوندو پيو اچي. جيڪڏهن توهان جي پير مون کي نه سُڌاريو ته پوءِ مان توهان جي پير جي گهر ۾ رَلهي به ڪونه ڇڏيندس. توهان مرشد جا دشمن آهيو جو مون جهڙي ڌاڙيل کي وٺي ٿا هلو. جڏهن دربار تي پهتاسين پير سائينجن نماز بعد تقرير لاءِ ويٺا. اسان قيصر خان کي سعيو ڪري حضرت صاحب جن جي اڳيان ويهاريو. پاڻ جڏهن بيان ڪندي قيصر ڏانهن نيڻ کڻي نهاريائون ته قيصر دانهن ڪري ڪِري پيو. جذبي جي ڪيفيت ۾ اچي ويو. پوءِ سائينجن جو مريد ٿيو. جڏهن واپس ڳوٺ موٽياسين. ريل گاڏي تي چڙهياسين ٽيٽي آيو ٽڪيٽ پڇا ڪيائين. اسان جي گاڏي تي هڪ همراهه بنا ٽڪيٽ پڪڙجي پيو. ٽيٽي ان جا هٿ پويان ٻڌا هو روئي پيو. سائين مون مسڪين تي رحم ڪر. ان حال ۾ قيصر فقير کي وري جذبو ٿيو. دانهن ڪري چيائين ته سڀاڻي قيامت جي ڏينهن گنهگارن جو اهڙو ئي حال هوندو.

جهڙو هن ڏوهي جو آهي انهن لفظن اهڙو ته اثر ڪيو جو ساري گاڏي ۾ روڄ پئجي ويو. سڀ ماڻهو زار قطار روئڻ پيا تان ته ٽيڻي به روئي ويٺو ۽ هڪدم ڏوهي ڪي آزاد ڪيائين ۽ چوي پيو ته افسوس اسان به پنهنجي مالڪ جا تمام ڏوهي آهيون. سبحان الله ولين جي نظر جو ڪيڏو ڪمال آهي جو هڪ چور ڏاڙيل ڪي هڪدم وڏو واعظ بنائي ڇڏيائين.

۽ هٿڪڙي وڃي ڀَري پئي:

احمد فقير جمالي ويٺل ڳوٺ قائم رودناڻي تعلقه جوهي ڪي مخالفن ڪوڙي ڪيس ۾ قابو ڪرايو. جڏهن ڪيس جي حاضري تي جوهي جي مختيارڪار عبدالڪريم منگي وٽ هٿ ڪڙي لڳل پيش ٿيو. ڏاڙهي ڏسڻ ڏسي مختيار ڪار پڇيس ڪنهن جو مريد آهين؟ چيائين پير مٺي رحمتپور واري جو. مختيار ڪار چيو ته پير مٺي جو مريد وري هٿن ۾ هٿڪڙي؟ اهي لفظ ٻڌڻ سان فقير ڪي جذبو ٿي ويو. زور سان الله جي ضرب هنيائين ته هٿڪڙي وڃي ڀري پئي. اها ڪرامت ڏسي مختيار ڪار تي ايترو اثر ٿيو جو حضرت پير مٺا سائينجن رحمت الله عليه جن جو اچي مريد ٿيو.

ولي الله جي لفظن جي تاثير:

فقير علي شير رحيم ڏورو واري بيان ڪيو ته: منهنجو هڪ پٽ منهنجي فرمان ۾ نه هيو. نماز به نه پڙهندو هيو. هڪ ڏينهن ان ڪي ولي حضرت محبوب الاهي بخش رحمت الله عليه جي اڳيان پيش ڪري دعا لاءِ عرض ڪيم. پاڻ ان نينگر ڪي نهاري فرمايائون: پٽ! منهنجو مريد ٿيندين يا شيطان جو مريد ٿيندين؟ ڇوڪري چيو ته سائين توهان جو مريد ٿيندس. پاڻ فرمايائونس پوءِ نماز پڙهه اسڪول به وڃ. چيائين هائو سائين.

بس ان ڏينهن کان پوءِ ننڍڙي جيئن نماز پڙهڻ شروع ڪئي ته هڪ وقت به نه ڇڏيائين پر تهجد نماز به پڙهڻ شروع ڪيائين. اسڪول به شوق سان وڃڻ لڳو.

فقير علي شير هڪ ٻي ڳالهه بيان ڪئي ته اسان جون چار ڳئون چور ڪاهي ويا پوءِ اهي هڪ نامي گرامي چور ۽ پاٿاريدار وٽ ڇڏيائون. رات جو ان پاٿاريدار هڪ اڇي لباس وارو شخص ڪي ڏٺو. ان چيس ته هي ڳئون اسان جون آهن ڇو جهليون ائي. پوءِ ان تي اهڙي هيبت ۽ هراس پيو جو صبح جو سويل چارئي ڳئون اڇي فقيرن وٽ ڇڏي ويو. پوءِ جڏهن سائينجن وٽ پهتس ته مشڪي فرمايائون فقير ڳئون مليون يا نه؟ مون چيو هائو سائين ملي ويون.





دلبر سائين جا لکيل ڪتاب

نمبر	ڪتاب	شخصيت	ڪيفيت
01	فيوض الفرقان ترجمه قرآن	ڪلام الله	ڇپيل
02	فضائل الصحابة	امام نسائي	ڇپيل
03	سفرنامه امام شافعي	حضرت امام شافعي	ڇپيل
04	اَلْفَتْحُ الرَّبَانِي	حضرت پيران پير	اڻ ڇپيل
05	فُتُوحُ الْغَيْب	حضرت پيران پير	اڻ ڇپيل
06	سِرُّ الأَسْرَار	حضرت پيران پير	ڇپيل
07	رساله أنسيه	خواجه يعقوب چرخي	اڻ ڇپيل
08	رساله خواجه عزيزان	خواجه عزيزان علي راميتني	ڇپيل
09	انفاس نفيسه	خواجه عبيد الله احرار	ڇپيل
10	رساله قُدسيه	سيد بهاؤالدين نقشبند	اڻ ڇپيل
11	شرفِ نسبِ اهلبيت	اعليٰ حضرت محدث بريلوي	ڇپيل
12	شاه جو رسالو	شاه عبد اللطيف ڀٽائي	اڻ ڇپيل
13	ملفوظاتِ فضليه	حضرت پير مٺا سائين	ڇپيل
14	ملفوظاتِ پير مٺا سائين	خليفه سعد الله غفاري	ڇپيل
15	مڪتوباتِ غفاريه	حضرت پير مٺا سائين	ڇپيل
16	اخلاقِ محمدي	مرشد محبوب الاهي	اڻ ڇپيل
17	قُوّةُ السَّالِڪِيْن	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
18	مڪتوباتِ محبوبِ الاهي	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
19	خطباتِ محبوب الاهي	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
20	طَرِيْقُ الْعَارِفِين (ملفوظات)	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
21	جِلاءُ الْقُلُوب	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
22	راحتِ القلوب	مرشد محبوب الاهي	اڻ ڇپيل
23	بهجة القلوب	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
24	تنوير القلوب	مرشد محبوب الاهي	اڻ ڇپيل
25	سُروزُ القلوب	مرشد محبوب الاهي	اڻ ڇپيل
26	نُور القلوب	مرشد محبوب الاهي	اڻ ڇپيل
27	جامِ عشق	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
28	شعر ۽ شاعري	مرشد محبوب الاهي	ڇپيل
29	اي ڪريم (ڪريما سعدي)	شيخ مصلح سعدي	اڻ ڇپيل
30	گوندر گهاريان ڏينهڙا	فقير عبد القادر سومرو	ڇپيل
31	ڪلامِ ڪليم	حضرت پير الله ڏته	ڇپيل
32	ڪليمي گفتار	حضرت پير الله ڏته	ڇپيل
33	نُورُ البصر	علامه تاج محمد آريجوي	ڇپيل

ناشر جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير ڪراچي

فقير مجذوب مانڪي 0301-3461005 فقير احمد حسين ڪرمي 0344-3782330
www.peerdilbar.com



روحاني آواز 

 RohaniAwaz



RohaniAwaz 

 RohaniAwaz

RohaniAwaz 

 RohaniAwaz

www.peerdilbar.com 

 00 92 3337071410
Official Contact Number...



